Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
جلد :11 | اڱارو 06 جون 2023 ع بمطابق 16 ذوالقعد 1444هه | شمارو: 230 | قيمت10 رپيا

پاڪستان گرمي کان بچاءَ لاءِ فوري جامع پاليسي جوڙي: ايمنيسٽي انٽرنيشنل

انساني حقن جي عالمي تنظيم ايمنيسٽي انٽرنيشنل سنڌ جي شهر جيڪب آباد کي ڌرتي جي گولي تي سڀن کان وڌيڪ گرم ترين علائقو قرار

موسمياتي تبديلين سبب پاڪستان ان جي منهن ۾ آهي ، دنيا جا مُلڪ وڌندڙ گرمي جي پد کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل حڪمت عملي هيٺ اپاءَ وٺن

عالمي معيارن ۽ انساني حقن جي قانونن موجب هو بنا دير پاليسي واضح ڪري ان تي عمل ڪرائي

ايمنسٽي انٽرنيشنل 45 اهڙن ماڻهن جا انٽرويو ڪيا جيڪي گرميءَ جي وڌيڪ خطري ۾ آهن ، آفيسر ۽ صفائي سٿرائي جي عملي سميت مختلف شعبن جا ماڻهو شامل

اسلام آباد (رپورٽ اياز مهر) انساني حقن جي عالمي تنظيم ايمنيسٽي انٽرنيشنل سنڌ جي شهر جيڪب آباد کي ڌرتي جي گولي تي سڀن کان وڌيڪ گرم ترين علائقو قرار ڏيندي پاڪستان حڪومت تي زور ڀريو آهي ته هو غربت جو شڪار پنهنجي عوام جي زندگي وارن انساني حقن جي تحفظ لاءِ جوڳا اپاءَ وٺي، ماحوليات جي عالمي ڏينهن تي جاري ڪيل رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته موسمياتي تبديلين سبب پاڪستان ان جي منهن ۾ آهي. رپورٽ ۾ دنيا جي سمورن ملڪن تي زور ڀريو ويو آهي ته هو وڌندڙ گرمي جي پد کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل حڪمت عملي هيٺ اپاءَ وٺن. امير ملڪ ان ڏس ۾ اڳتي اچن ۽ لاپرواهي نه ڪئي وڃي. رپورٽ ۾ ڄاڻايل آهي ته جيڪب آباد کي دنيا جو گرم ترين علائقن قرار ڏنو آهي ته گذريل سال هتي گرمي جو پد 52 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ٿيو 'برننگ ايمرجنسي' جي عنوان سان جاري ڪيل رپورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

پ پ سنڌ ۾ ميئر ۽ ڊپٽي ميئرشپ لاءِ اميدوارن جي نالن جو اعلان ڪري ڇڏيو

ڪاشف شورو کي حيدرآباد جي ميئر ۽ صغير قريشي ڊپٽي ميئرشپ لاءِ نامزد ڪيو ويو، لاڙڪاڻي جي ميئرشپ لاءِ انور علي لهر ۽ امين شيخ کي ڊپٽي ميئر طور نامزد ڪيو ويو

ارسلان شيخ سکر جو ميئر ۽ ڊاڪٽر ارشد مغل ڊپٽي ميئر نامزد ٿيا آهن، ميرپور خاص جو ميئر عبدالرئوف غوري ۽ ڊپٽي ميئر جنيد بلند هوندا :نثار کهڙو

پيپلزپارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو ميئر، ڊپٽي ميئر، چيئرمين، ڊپٽي چيئرمين جي عهدن لاءِ نامزدگين جو اعلان ڪيو

گڏاپ ٽائون لاءِ چيئرمين طارق بلوچ ۽ وائيس چيئرمين لاءِ ڄام محمد جوکيو کي نامزد ڪيو ويو

ابراهيم حيدري ٽائون لاءِ نذير ڀٽو چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين لاءِ رفيق جت کي نامزد ڪيو ويو، ملير ٽائون جي چيئرمين لاءِ جان محمد بلوچ ۽ وائيس چيئرمين لاءِ مزمل شاهه کي نامزد ڪيو ويو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) پيپلزپارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته ضلعي چيئرمين، وائيس چيئرمين، ٽائون چيئرمين جي حلف برداري 15 جون تائين ٿي ويندي نثار کهڙو موجب لاڙڪاڻي ميونسپل ڪارپوريشن جي ميئر لاءِ انور لوهر ۽ ڊپٽي ميئر لاءِ امين شيخ پيپلز پارٽي جا اميدوار هوندا نثار کهڙي ٻڌايو ته سکر جي ميئر شپ پيهر ارسلان شيخ حوالي ڪئي وئي، جڏهن ته ڊپٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪراچي: پيپلز پارٽي سنڌ جو صدر نثار کهڙو پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

صدام لاشاري ڪيس: الزام هيٺ آيل ايس ايڇ اوز معطل

ٺل جي اي سيڪشن ۽ آباد ٿاڻي جي ايس ايڇ اوز کي معطل ڪيو ويو

محمد پناهه بروهي کي نئون ايس ايڇ او مقرر ڪيو ويو

ڪراچي (م ر د) ٺل ۾ مبينا مقابلي ۾ نوجوان صدام لاشاري جي مارجڻ واري معاملي ۾ اڳيرائي ٿي آهي، الزام هيٺ آيل ٺل جي اي سيڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڀاءُ جي قتل جي شفاف جاچ ڪئي وڃي:

صدام لاشاري جي ڀينرن جو ايس ايس پيز کي قرآن پاڪ ڏيندي مطالبو

ٺل (رپورٽر) صدام لاشاري کي پوليس ماريو ۽ جاچ به پوليس ئي ڪندي؟، نوجوان صدام لاشاري جي ڀينرن جاچ ٽيم تي بي اعتمادي ظاهر ڪري ڇڏي آهي، قتل جي عدالتي جاچ ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي ايس ايس پي جيڪب آباد ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو تي ٻڌل جي آءِ ٽي ٺل پهچي وارثن جا بيان قلمبند ڪيا. صدام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ايس ايس پي امجد شيخ جي عرفان

سمون بابت دعويٰ ڪوڙي نڪتي،

عرفان سمون جو موقف اچي ويو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) امجد شيخ جي ايس ايس پي عرفان سمون جي چارج ڇڏڻ واري دعويٰ ڪوڙي نڪتي، عرفان سمون جو موقف اچي ويو ايس ايس پي ڪنڌڪوٽ عرفان سمون چيو آهي ته ٻن ڏينهن جي موڪل تي هيس. چارج نه ڇڏي اٿر. هائي آفيس پيو وڃان ايس ايس پي شڪارپور امجد شيخ دعويٰ ڪئي هئي ته ايس ايس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: نائين وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

مونکي ملڪ ۾ عام چونڊون وقت تي نظر نه پيون اچن: منظور وسان

اليڪشن 6 مهينن کان هڪ سال تائين ملتوي ٿي سگهن ٿيون. اڳ ۾ احتساب لاءِ وقت گهربو ويندو

پرويزالاهي کي پي ٽي آئي جو سربراهه ٻڌايو وڃي، عمران خان سان گڏ هاڻي 5 کان 10 سيڪڙو به ماڻهو نه رهندا

عمران خان بند گهٽي ۾ ڦاسي چڪو آهي ۽ ان جي خاتمي جا ڏينهن ويجهو اچي ويا آهن: پ پ جو سينيئر اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ زراعت بابت صلاحڪار منظور حسين وسان عام چونڊن ۽ پرويزالاهي جي بابت نئين اڳڪٿي ڪندي چيو آهي ته مونکي ملڪ ۾ عام چونڊون وقت تي نظر نه پيون اچن. اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪو فوج خلاف بُري سوچ نٿو رکي، 9 مئي واقعن ۾ ملوث ماڻهن کي سزا ڏني وڃي: شيخ رشيد

گالف سٽي تي پوليس ٻيهر ڇاپو هنيو، اهلڪار در ٽپي اندر داخل ٿيا

ملازمن تي تشدد ڪري انهن کان فرمائشي بيان ورتا، پوليس اهلڪار گاڏيون، گهڙيون ۽ روڪ رقم کڻي ويا

سڄو ملڪ 9 مئي جي واقعن تي لعنت ڪري رهيو آهي، مان به مذمت ڪيان ٿو

راولپنڊي (م ر د) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد چيو آهي ته ڪو فوج خلاف بُري سوچ نٿو رکي، 9 مئي واقعن ۾ ملوث ماڻهن کي سزا ڏني وڃي، وڊيو بيان ۾ شيخ رشيد چيو ته گالف سٽي تي پوليس ٻيهر ڇاپو هنيو، اهلڪار در ٽپي اندر داخل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

صدام لاشاري جو خون لوڙهڻ جي ڪوشش، پوليس گردي خلاف سنڌ سراپا احتجاج

سياسي سماجي اڳواڻن جي اڳواڻي ۾ هڪ وڏي ريلي ڪڍي وئي، پوليس انتظاميه خلاف نعريبازي ڪري رهبر چوڪ تي پهچي ڌرڻو هنيو

پوليس ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي چار گوليون هڻي بيدردي سان قتل ڪري لاش پيرسن والد مغل لاشاري جي حوالي ڪيو آهي: اڳواڻ

صدام کي قتل ڪرڻ کان بعد پوليس 13 ڪيس ظاهر ڪيا ويا آهن،انهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته پوليس نوجوان جو لوڙهڻ لاءِ ڊراما ناهي پئي

ڪراچي/حيدرآباد/سکر(نمائندا) پوليس هٿان گوليون هڻي بيگناهه قتل ڪيل شهيد صدام لاشاري جي خون سان انصاف لاءِ سنڌ سراپا احتجاج بڻجي وئي آهي. ٺل پوليس هٿان قتل ٿيل شهيد صدام حسين لاشاري جي خون سان انصاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

صدام لاشاري جي خون سان انصاف لاءِ سياسي سماجي اڳواڻن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڀارت ۾ جمهوريت کي خطرو؟

راهول گانڌيءَ سمنڊ پار هم وطنن

کان وڏو مطالبو ڪري ڇڏيو

مِش هٽن (م ر د) ڀارت جي اپوزيشن ليڊر راهول گانڌي آمريڪا ۾ رهندڙ ڀارتين کي مخاطب ڪندي چيو آهي ته هو جمهوريت ۽ ملڪ لاءِ آواز اٿارين. پرڏيهي ميڊيا موجب، ڪانگريس اڳواڻ ۽ اپوزيشن ليڊر راهول گانڌي جيڪو وزيراعظم موديءَ جو سڀ کان وڏو مخالف آهي ۽ سنڌس پاليسين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

افغانستان ۾ 80 کان وڌيڪ شاگردياڻين کي زهر ڏيڻ جي ڪوشش، ٻُڌتي جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل

واقعو مُلڪ جي اترين صوبي ۾ سرپل جي ضلعي سنچارڪ ۾ پيش آيو جتي شاگردياڻين جي حالت خراب ٿيڻ تي کين فوري طور اسپتال نيو ويو

سنچارڪ ضلعي ۾ ڪجهه اڻڄاتل ماڻهن ڇوڪرين جي اسڪول ۾ داخل ٿيا ۽ ڪلاسن ۾ زهريلو اسپري ڪري فرار ٿي ويا : پوليس ترجمان

ڪابل(م ر د) اتر افغانستان ۾ ڇوڪرين جي اسڪول تي زهريلي مواد سان حملو ڪيو ويو جنهن بعد اٽڪل 80 شاگردياڻين کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو پرڏيهي خابرو اداري موجب،اهو واقعو مُلڪ جي اترين صوبي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ثبوتن کان بنا ڪنهن پارٽي تي پابندي لڳي مخالفت ڪنداسين: قائم علي شاهه

اسان جي ٻهرين حڪومت ختم ٿي ته ماڻهن چيو ته پارٽي ختم ٿي وئي پر ائين نه ٿيو

محترمه جي شهادت تي نوجوان ڪاوڙ ۾ هئا ملڪ کي خطرو هو پر پاڪستان جو نعرو لڳايو

عمران خان نوڪري ۽ گهر جا واعدا ڇو پورا نه ڪيا ويا : سنڌ جو اڳوڻو وڏو وزير

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه چيو آهي ته بنا ثبوتن جي ڪنهن پارٽي تي پابندي لڳائي وئي تها سان مخالفت ڪنداسين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سنڌ جو اڳوڻو وڏو وزير سيد قائم علي شاهه

نادرا پاران ڪراچي ۾ هڪ ٻيو ميگا سينٽر کولڻ جو اعلان

نادرا جو نئون ميگا سينٽر کولڻ جون تياريون ڪيون پيون وڃن: ڊائريڪٽر جنرل نادرا

ڪراچي ۾ 6 سالن کان پوءِ ٺهندڙ ميگا سينٽر ايندڙ ٻن کان اڍائي مهينن ۾ مڪمل ٿي ويندو

ڪراچي (رپورٽر) نادرا جو هڪ ٻيو ميگا سينٽر ڪرليو پيو وڃي جنهن کان پوءِ 3 سڃاڻپ ڪاغذ حاصل ڪرڻ لاءِ شهرين جون ڏکيائيون گهٽجي وينديون تفصيل موجب نادرا جو نئون ميگا سينٽر کولڻ جون تياريون ڪيون پيون وڃن ڊائريڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ٺٽي ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ، فصل سُوڪهڙي جو شڪار، ڌرڻو شٽر بند هڙتال

مڪلي بائي پاس وٽ مين نيشنل هاءِوي تي پاڻي، گئس ۽ بجلي جي ڪوٽ خلاف ڌرڻو هڻي ڌرڻو هنيو ويو

ڌرڻي سبب ڪراچي، حيدرآباد، ٺٽي محمد خان، سڄاول ۽ بدين ڏانهن ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي

ٺٽو/مڪلي(نمائندن وٽان) ٺٽي ضلعي ۾ پاڻي جي ڪوٽ شدت اختيار ڪري وئي، فصل سوڪهڙي جو شڪار، انساني آبادي سميت آب جيوت خطري هيٺ، ٺٽي جي شهرين، سماجي، سياسي پارٽين، واپاري برادري، وڪيل برادري ۽ ڊاڪٽرز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

پاڪستان ۽ عراق وچ ۾ مفاهمت جي يادداشتن تي صحيحون

ٻنهي ملڪن ثقافتي سهڪار کي وڌائڻ لاءِ مفاهمت جي يادداشت تي صحيحون ڪيون

پاڪستان ۽ عراق وچ ۾ گهرا دوستاڻا ۽ ڀائرانا لاڳاپا آهن : پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري

اسلام آباد (م ر د) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري طرفان عراق جي سرڪاري دوري جي موقعي تي پاڪستان ۽ عراق وچ ۾ مفاهمت جي يادداشتن تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري عراقي هم منصب ڊاڪٽر فواد حسين سان ملاقات ڪري رهيو آهي

حيدرآباد- سکر موٽروي لاءِ ساڍا 9 ارب رپيا گرانٽ جي منظوري

نائين واري وزير اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ اقتصادي رابطا ڪميٽي جو اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ نيو گوادر بين الاقوامي ايئرپورٽ منصوبي لاءِ 83 ڪروڙ 91 لک رپين جي به منظوري ڏني وئي

اسلام آباد (م ر د) اقتصادي رابطا ڪميٽي حيدرآباد- سکر موٽروي لاءِ ساڍا 9 ارب رپين جي حڪومتي گرانٽ جي منظوري ڏئي ڇڏي ناڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

جنرل باجوا سان سخت بدسلوڪي جي ويڊيو وائرل

ٽوئٽر تي اڳوڻي آرمي چيف قمر جاويد باجوا جي پنهنجي گهرواري سان گڏ هڪ ويڊيو وائرل ٿي

افغان شهري ڪيس چوي ٿو توهان افغانستان ۾ جهاد جي نالي تي تباهي ڪئي

ڪراچي(م ر د) ٽوئٽر تي اڳوڻي آرمي چيف قمر جاويد باجوا جي پنهنجي گهرواري سان گڏ هڪ ويڊيو وائرل ٿي آهي، جنهن ۾ بظاهر هڪ افغان شهري کيس ڪچين گارين ڏيندي بد شد ڳالهائي رهيو آهي، ڄاڻايو ويو آهي ته باجوا فرانس جي ڪنهن شهر ۾ هو ته اهو واقعو پيش آيو. افغان شهري کيس چوي ٿو توهان افغانستان ۾ جهاد جي نالي تي تباهي ڪئي. ويڊيو پيغام جو گهڻو حصو پشتو زبان ۾ آهن. سوشل ميڊيا ته ان ويڊيو بابت مليل جليل تبصرا هلي رهيا آهن. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 34

آمريڪي ڊالر انٽربئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ مهانگو ٿي ويو

انٽر بئنڪ ۾ ڪاروبار جي ڇجائي تي ڊالر جو قدر 15 پئسا وڌڻ سان 286 رپيا 19 پئسا آهي

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 8 رپيا مهانگو ٿيو آهي، اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جو قدر 308 رپيا آهي

ڪراچي (م ر د) انٽربئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر مهانگو ٿي ويو اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان موجب انٽر بئنڪ ۾ ڪاروبار جي ڇجائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله جي طبعيت بگڙجي وئي، اسپتال منتقل

وفاقي گهرو وزير جي طبعيت خراب ٿيڻ تي کيس فيصل آباد انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيالوجي نيو ويو

راڻا ثناء الله کي بخار ۽ بلڊ پريشر گهٽ ٿيڻ جي شڪايت هئي : ذريعا

فيصل آباد (م ر د) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناء جي طبعيت ناسازهجڻ تي کيس اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.ذريعن موجب، وفاقي گهرو وزير جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

آصف علي زرداري پاران لاهور ۾ جلسو ڪرڻ جو فيصلو

پارٽي جي ضلعي صدر اسلم گل پاران شهر جي مختلف علائقن جو دورو

جلسي جي تاريخ جو اعلان جلد ڪيو ويندو : اسلم گل

لاهور (م ر د) پاڪستان پيپلز پارٽي جي شريڪ چيئرمين ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري لاهور ۾ جلسو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.پيپلز پارٽي پنجاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پي ٽي آءِ نو مئي تي جيڪو ڪيو اهو پاڪستان مٿان حملو هو: وزيراعظم

ٽي آءِ چيئرمين جو مُلڪ ۾ انساني حقن جي پڇڪڙين ۽ سياسي احتجاج کي دٻائڻ جو الزام ورغلائيندڙ آهي : شهباز شريف

پي ٽي آءِ چيئرمين ڄاڻي واڻي عالمي ۽ مقامي طور ماڻهن کي وڏي مهارت سان ورغلائي رهيو آهي

انساني حقن جي پڇڪڙي روڪڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي پئي وڃي، 9 مئي جي ڏوهن ۾ ملوث جوابدارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

اسلام آباد (م ر د) وزيراعظم شهباز شريف آهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين جو ملڪ ۾ انساني حقن جي پڇڪڙين ۽ سياسي احتجاج کي دٻائڻ جو الزام ورغلائيندڙ آهي، نو مئي جي واقعن جي سمورن ذميوارن کي قانون پٽاندڙ سزا ملي رهي آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سنڌ ڪابينا: ڊاڪٽرز جي ترقين، بدين اسپتال جو نالو تبديل ڪرڻ سميت اهم فيصلن جي منظوري

وڏي وزير مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ سنڌ ڪابينا جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ مختلف فيصلن جي منظوري ڏني وئي

س ۾ صوبائي وزير شرجيل ميمڻ، ناصر شاهه، مڪيش ڪمار، صلاحڪار، ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ، چيف سيڪريٽري سنڌ ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر شريڪ ٿيا

سنڌ ڪابينا سول اسپتال بدين کي ڊاڪٽر سڪندر منڌرو جي نالي سان منسوب ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

ڪراچي(رپورٽر) وڏي وزير مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ سنڌ ڪابينا جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ مختلف فيصلن جي منظوري ڏني وئي اهياجلاس ۾ صوبائي وزير شرجيل ميمڻ، ناصر شاهه، مڪيش ڪمار، صلاحڪار، ايڊووڪيٽ جنرل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پرڏيهي وزير بلاول جي عراق جي راڄڌاني بغداد ۾ عراقي صدر عبداللطيف جمال سان ملاقات

پاڪستان ۽ عراق لاڳاپن کي نئين بلندين تي وٺي وڃڻ اسان جي ترجيح آهي: بلاول جو ٽوئيٽ

عراقي وزيراعظم محمد شياع السوداني سان ملاقات جي موقعي تي ٻه طرفي واپار وڌائڻ، گڏيل وزارتي ڪميشن جوڙڻ تي غور ڪيو ويو

نجف، (م ر د) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري عراق جي ٽن ڏينهن جي دوري جي موقعي تي عراق جي راڄڌاني بغداد ۾ عراقي صدر عبداللطيف جمال ۽ عراقي وزيراعظم محمد شياع السوداني سان ملاقات ڪئي. عراقي صدر سان ملاقات ڪانپس پرڏيهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ٻارن کي حفاظتي ٽڪا لڳائڻ واري مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو

والدين کي گهرجي ته هو صحت کاتي جي ٽيمن سان تعاون ڪن: محمد عباس بلوچ

مهم کي ڪامياب بنائڻ لاءِ سمورا گهربل انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن: ڪمشنر

فوڪل پرسن اي پي آئي ڊاڪٽر الله بخش راڄپر، ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر رياض شاهه ۽ ٻيا گڏ هئا

نوابشاهه: ڪمشنر محمد عباس بلوچ ٻارن کي حفاظتي ٽڪا لڳائڻ واري مهم جو افتتاح ڪري رهيو آهي

نوابشاهه (رپورٽر) ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن محمد عباس بلوچ ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڪنول نظام سان گڏجي ماءُ ۽ ٻار جي صحت مرڪز نوابشاهه ۾ ٻارن کي حفاظتي ٽڪا لڳائڻ واري مهم جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي ڪمشنر محمد عباس بلوچ چيو ته سنڌ حڪومت پاران ماءُ ۽ ٻار کي مختلف بيمارين کان بچائڻ لاءِ حفاظتي ٽڪن جي 12 ڏينهن واري مهم اڄ کان باقاعده شروع ڪئي وئي آهي جنهن جو مقصد ماءُ ۽ ٻار کي مختلف خطرناڪ بيمارين کان بچائڻ آهي انهي لاءِ والدين کي گهرجي ته هو صحت کاتي جي ٽيمن سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اقليتي برادري اسان جي معاشري جو لازمي حصو آهي: گيانچند ايسراڻي

پنهنجي تي پيل طبقن کي پارليمينٽ ۽ مڪاني ادارن ۾ نمائندگي ڏيڻ جون مثاليون قائم ڪيون آهن

جيستائين اقليتي جي نمائندگي جو تعلق آهي پاڪستان پيپلز پارٽي ان کي قومي وهڪري ۾ آندو آهي

تعليم ۽ صحت جي شعبن ۾ ان جو بي مثال ڪردار رهيو آهي: اقليتي معاملن وارو صوبائي وزير

ڪراچي (رپورٽر) اقليتي معاملن واري صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي چيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت اقليتن جي حقن کي پنهنجي ايجنڊي ۾ مٿانهون لسٽ تي رکندي آهي. هن چيو ته اقليتي ملڪ جي تعمير ۽ ترقي ۾ بي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

تحريڪ انصاف جي سنڌ اسيمبلي ميمبر ملڪ شهزاد اعوان به پارٽي ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

شرپسند عنصرن جو واسطو ڪنهن به جماعت سان هجي، انهن کي عبرتناڪ سزا ملڻ گهرجي : شهزاد اعوان

مون کي پنهنجي فوج تي سدائين فخر رهيو آهي، شهيدن جي يادگارن جي بي حرمتي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين

ڪڏهن سوچيو به نه هو، پارٽي چيئرمين سدائين نندن ڀائرن جيان عزت ڏني، سنڌس ٿورا ميڃان ٿو

ڪراچي (م ر د) تحريڪ انصاف جي سنڌ اسيمبلي ميمبر ملڪ شهزاد اعوان به پارٽي ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ملڪ شهزاد اعوان چيو ته شرپسند عنصرن جو واسطو ڪنهن به جماعت سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

Reclaiming The Space:
Reading The Constitution from Women's Perspective
June 5-6, 2023
PIPS

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر راجا پرويز اشرف تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

عربي سمنڊ ۾ طوفان

جو خدشو، سنڌ متاثر

ٿي سگهي ٿي

ڪراچي (م ر د) موسمياتي تجزيي نگار جواد ميمڻ عربي سمنڊ ۾ سامونڊي طوفان ٺهڻ جو خدشو ظاهر ڪري ڇڏيو جواد ميمڻ موجب ڏکڻ عربي سمنڊ ۾ هوا جو گهٽ دٻاءُ بڻجي رهيو آهي، جنهن سبب 10 يا 11 جون تي اهو هوا جو گهٽ دٻاءُ شدت اختيار ڪري سائيڪلون بڻجي سگهي ٿو هن ٻڌايو ته ان طوفان سان سنڌ، بلوچستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ايندڙ وفاقي بجيٽ ۾ امپورٽڊ لگزري آئٽمز تي ٽيڪس وڌائڻ جي تجويز سامهون اچي وئي

100 ڊالر کان وڌيڪ ماليت جي موبائل تي ڊيوٽي وڌڻ جو امڪان آهي: ذريعا

مني بجيٽ جيڪا فيبروري ۾ آندي وئي هئي، ان کي ايندڙ مالي سال لاءِ جاري رکيو ويندو

500 ارب رپين جا ٽيڪس ان سان لڳندا. جڏهن ته 200 ارب جا نوان ٽيڪس لڳايا ويندا

اسلام آباد (م ر د) ايندڙ وفاقي بجيٽ ۾ امپورٽڊ لگزري آئٽمز تي ٽيڪس وڌائڻ جي تجويز سامهون آئي آهي، مهانگيون امپورٽڊ موبائلون وڌيڪ مهانگيون ٿي وينديون بجيٽ 24-2023 جون تياريون آخري مرحلي ۾ آهن. ذريعن موجب 100 ڊالر کان وڌيڪ ماليت جي موبائل تي ڊيوٽي وڌڻ جو امڪان آهي. مني بجيٽ جيڪا فيبروري ۾ آندي وئي هئي، ان کي ايندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ٺٽي ۾ سنڌياڻي تحريڪ ۽ ٻين جي ريلي، رسول بخش پليجي کي ڀيٽا پيش

سنڌياڻي تحريڪ ۽ سنڌي گرلس اسٽوڊنٽ تحريڪ طرفان جنگشاهي کان وٺي موٽر سائيڪل ريلي ڪڍي وئي

ريلي ڪانپوءِ ڪارڪنن رسول بخش پليجو جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي کيس سلامي ڏني

رسول بخش پليجي صاحب هميشه پراڻين ۽ فرسوده روايتن کي ٽوڙي نيون روايتون قائم ڪيون : سياني ڏاهري

ٺٽو(رپورٽر) سنڌياڻي تحريڪ ۽ سنڌي گرلس اسٽوڊنٽ تحريڪ جي ڪارڪنن موٽر سائيڪل ريلي ڪڍي پنهنجي عظيم قائد رسول بخش پليجي صاحب کي ڀيٽا پيش ڪئي. سنڌياڻي تحريڪ ۽ سنڌي گرلس اسٽوڊنٽ تحريڪ طرفان جنگشاهي کان وٺي عوامي تحريڪ جي سربراهه قائد انقلاب محترم رسول بخش پليجي صاحب جي آخري آرام گاهه تائين موٽر سائيڪل ريلي ڪڍي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ٺٽو: سنڌياڻي تحريڪ ۽ سنڌي گرلس اسٽوڊنٽ تحريڪ ڪارڪنن پاران موٽر سائيڪل ريلي ڪڍي پئي وڃي

مودي سرڪار جون ڪوششون

ناڪام، ڀارت کان آزادي ۽ ڌار وطن

لاءِ سکن جو سڊني ۾ ريفرنڊم

سڊني(م ر د) آسٽريليا جي شهر سڊني ۾ خالصتان جي آزادي لاءِ ريفرنڊم ڪرايو ويو جنهن ۾ ايڪيهه هزار کان وڌيڪ سکن خالصتان جي قيام لاءِ ووٽ ڪاسٽ ڪيو پرڏيهي ميڊيا موجب، ريفرنڊم ڪرائڻ لاءِ سمورين پارٽي ڪوششون هڪ ڀيرو ٻيهر ناڪام ثابت ٿيون جنهن بعد اهو آسٽريليا ۾ خالصتان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

لطيف جو پارکو ۽ قومپرست اڳواڻ محمد مٺل حيدري جي پهرئين ورسي ملهائي وئي

نيوجتوئي پرسان مٺل حيدري ڳوٺ ۾ جسقم آريسر ۽ مٺل حيدري يادگار ڪاميٽي پاران تقريب

بهترين استاد ۽ ڌرتي امڙ جو باشعور قلم ڌڻي هوجنهن پنهنجي قلم کان تلوار جو ڪم ورتو: ساجاهه ونڊ

مٺل حيدري سائين جي ايم سيدجو پيغام سنڌ جي جهر جهنگ ۽ واهڻ وستي پهچايو: سرمد ميرائي ۽ ٻيا

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) نوان جتوئي پرسان ڳوٺ مٺل حيدري چانڊيو ۾ صحافي، قوم پرست، ليکڪ، استاد، شاهه سائين جي پارکو محمد مٺل حيدري چانڊيو جي پهرين ورسي ملهائي وئي، جنهن جي صدارتي خطاب ڪندي جسقم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: قومپرست اڳواڻ محمد مٺل حيدري چانڊيو جي ورسي ملهائي پئي وڃي

دوڙ يوسي سومرخان جمالي 5 چڪ ۾ وٽرنري اسپتال ڪيترن ئي سالن کان لاوارث بڻيل

ست ميل (رپورٽر) تعلقه دوڙ يوسي سومر خان جمالي 5 چڪ ۾ وٽرنري اسپتال ڪيترن سالن کان لاوارث بڻيل آهي خبر موجب يوسي سومرخان جمالي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن جي مالوند ماڻهن کي سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ 5چڪ ۾ هڪ وٽرنري اسپتال جي بلڊنگ تعمير ڪيو ويو ڪيئي سال گذرڻ جي باوجود اسپتال کي ڪر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڏوڪري ۾ پاڻي جي کوٽ برقرار، ايريگيشن کاتي پاران سونهري ريگوليٽر ۾ پاڻي نه پهچي سگهيو

ڏوڪري تعلقي ۾ هزارين ايڪڙن تي ساريالو فصل پاڻي جي کوٽ سبب پوکجي نه سگهيو آهي: آبادگار

غلام حسين سولنگي، نثار احمد چنه، علي بخش، يوسي وڪڙو چيئرمين شڪيل احمد سولنگي مظاهرو ڪيو

هاڻي ايريگيشن کاتو پاڻي نه ڇڏي آبادگارن کي لکين روپين جو نقصان پهچائي رهيا آهن: مظاهرين جون ڳالهيون

ڏوڪري(رپورٽر) ڏوڪري تعلقي ۾ پاڻي جي کوٽ برقرار، ايريگيشن کاتي پاران سونهري ريگوليٽر ۾ پاڻي نه پهچي سگهيو، آبادگارن جو احتجاج، ڏوڪري تعلقي ۾ هزارين ايڪڙن تي ساريالو فصل پاڻي جي کوٽ سبب پوکجي نه سگهيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

خانواهڻ ۾ سول سوسائٽي سميت مختلف برادرين پاران صدام لاشاري جي قتل خلاف احتجاج

صدام لاشاري جي قتل ۽ هنگورجا مان اغوا ٿيل نينگر جعفر پٽوجي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو ويو

سيد جاني شاهه، غلام حسين چانگ، بچل هنگورو، قاضي اياز عالم، ظفر گهانگهرو پاران مظاهرو

هنگورجا مان اغوا ٿيل نينگر کي اغوا ٿئي اڍائي مهينا گذري ويا آهن پوليس بازياب ڪرائي نه سگهي

خانواهڻ (رپورٽ:عاجز امتياز نوح پوٽو) سياسي، سماجي ۽ سول سوسائٽي سميت مختلف برادرين، اديبن ۽ صحافين پاران ٿل جي سوشل ورڪر صدام لاشاري جي ناحق قتل ۽ هنگورجا مان اڍائي مهينا اڳ اغوا ٿيل نينگر جعفر پٽوجي بازيابي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

خانواهڻ: صدام لاشاري واقعي خلاف سماجي اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪنڌڪوٽ ۾ الينس انٽرنيشنل ينگ سوشل رفارمرس طرفان سيمينار منعقد

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) ڪنڌڪوٽ ۾ الينس انٽرنيشنل ينگ سوشل رفارمرس جي طرفان ۽ اسپورٽس يوٿ ۽ افيئر ڊپارٽمنٽ گورنمنٽ سنڌ جي تعاون سان الحافظ شادي حال ۾ بهتر نوجوان ۽ بهتر پاڪستان جي نالي سان سيمينار منعقد پرگرام جو آغاز ڪلام پاڪ جي تلاوت سان ٿي جيف آرگنائيزر اعجاز علي گولو شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

شهدادڪوٽ شهر ۾ وڌندڙ بدامني، چورين، ڦرن جي وڌندڙ واقعن خلاف آل پارٽيز ڪانفرنس منعقد

شهر ۾ وڌندڙ بد امني . اسٽريٽ ڪرائيم . موبائلن جي ڦرلٽ موٽر سائيڪلن جون چوريون وڌڻ تي ڪاوڙ

اي سيڪشن پوليس شهر ۾ ڌوهارين کي کليل ڇوٽ ڏيئي ڇڏي آهي، پوليس واقعن جي ذميوار آهي: ساجاهه ونڊ

ذميواري کي محسوس ڪندي اي سيڪشن پوليس خلاف لڳاتار جدوجهد جو مرحلو هلائڻ جو فيصلو ڪيو ويو

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شهدادڪوٽ شهر ۾ وڌندڙ بدامني، چورين، ڦرن جي وڌندڙ واقعن خلاف اسلامي تحريڪ شهدادڪوٽ پاران آل پارٽيز ڪانفرنس (اي پي سي) ڪوٺائي وئي. تحريڪ شروع ڪرڻ جو اعلان. شهدادڪوٽ ۾ اسلامي تحريڪ پاران شهر ۾ وڌندڙ بدامني، چورين، ڦرن جي واقعن ۽ سيد غلام سرور شاهه نقوي جي بيٺل موٽر سائيڪل چوري واري واقعي خلاف شهر جي امام/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز ۾ صوبائي وزير ماحوليات جي هدايتن تي گدلاڻ جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان ريلي

ڊائريڪٽر جنرل سنڌ انوائرمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي نعيم احمد مغل جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي گشت ڪيو ويو

هاءِ اسڪول ڪنڊيارو کان حيدري چوڪ تائين ماحولياتي گدلاڻ جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان ريلي ڪڍي وئي

پلاسٽڪ جي وڌندڙ استعمال سبب ماحولياتي آلودگي خطرناڪ حد تائين وڌي رهي آهي: ريلي ڪي اڳواڻن جون ڳالهيون

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) صوبائي وزير ماحوليات، موسمياتي تبديلي ۽ ساحلي ترقي، بورڊز ۽ يونيورسٽيز محمد اسماعيل راهو ۽ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ انوائرمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي (SEPA)نعيم احمد مغل ۽ سيپا شهيد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

Beat Plastic Pollution
WORLD ENVIRONMENT DAY
ماحول
نوشهروفيروز: ماحول جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي نڪتل ريلي جو ڏيک

جهمپير ۽ ان جي آسپاس جي علائقن ۾ چوپائي مال ۾ وچرندڙ بيماري سبب پريشانيون

ٺٽو(رپورٽر) جهمپير ۽ ان جي اسپاس جي علائقن ۾ چوپائي مال ۾ وچرندڙ بيماريون ڦهلجڻ ڪري مال مرڻ لڳو پاڳيئن ڪي مٿي تي هٿ اچي ويا، چوپائي مال جي پالنا کاتي ڪوبه تحرڪ نه ورتو ان سلسلي ۾ جهمپير ۽ ان جي اسپاس جي علائقن ڪڏايون، امير پير، گهنڊڙي، لطيف چانگ، ڳوٺ علي محمد سومرو، ڦوٽو درس، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

شهدادڪوٽ ۾ صحت کاتي جي ملازمن جوائنٽ ايڪشن ڪاميٽي پاران احتجاجي مظاهرو

صحت کاتي جي پيرا ميڊيڪل عملي پاران جوائنٽ ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي مظاهرو ڪيو ويو

پروفيشنل الائونس نه ملڻ ڊاڪٽرن جو پروموشن نه ٿيڻ خلاف ٻانهن ۾ ڪاريون پٽيون ٻڌي ريلي ڪڍي وئي

سنڌ حڪومت 2011 کان وٺي صحت کاتي جي ملازمن جا مسئلا حل نه پئي ڪري: اظهر سيال، رياض پٽو

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ صحت کاتي جي ملازمن جوائنٽ ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي مطالبن جي مڃتا لاءِ او پي ڊي جو بائيڪاٽ ڪري احتجاج ڪيو ويو. شهدادڪوٽ ۾ صحت کاتي جي پيرا ميڊيڪل عملي پاران جوائنٽ ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي سروس اسٽڪچر، پروفيشنل الائونس نه ملڻ ڊاڪٽرن جو پروموشن نه ٿيڻ خلاف ٻانهن ۾ ڪاريون پٽيون ٻڌي او پي ڊي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

خانڳڙهه سب ڊويزن جي واهن ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف آبادگارن جي ريلي

ٻمبلي واهه، لٽ مائينر، مبارڪپور مائينر، مهرو واهه، بخاري مائينر ۾ پاڻي جي کوٽ برقرار

خانڳڙهه سب ڊويزن جي واهن ۾ پاڻي جي کوٽ سبب آبادگار فصل پوکي نه سگهيا آهن: مظاهرين

هزارين ايڪڙ زمين بنجر بڻجي رهي آهي جاڻايل واهن ۾ پاڻي جي هٿرادو کوٽ پيدا ڪئي وئي آهي

خانپورمهر(آفتاب سيال) خانڳڙهه سب ڊويزن جي واهن ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف آبادگارن جي ريلي خانپورمهر جي ٽروباغ چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، خانڳڙهه سب ڊويزن جي واهن ٻمبلي واهه، لٽ مائينر، مبارڪپور مائينر، مهرو واهه، بخاري مائينر ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف آبادگارن شاهپورمهر کان ريلي ڪڍي خانپورمهر جي ٽروباغ روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ان مرقعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

خانپورمهر: خانڳڙهه سب ڊويزن جي واهن ۽ شاخن ۾ پاڻي کوٽ خلاف آبادگار احتجاج ڪري رهيا آهن

شاهه لطيف لوڪل گورنمينٽ ايمپلائيز يونين يونٽ ڪنڊيارو جو اجلاس ٿي گذريو

ڪنڊيارو (رپورٽر) شاهه لطيف لوڪل گورنمينٽ ايمپلائيز يونين يونٽ ڪنڊيارو جو اجلاس ٿي گذريو اجلاس ۾ يونٽ ڪنڊيارو جي سرپرست اعلي اياز حسين چنو يونٽ ڪنڊيارو جي صدر حسنين احمد جوکيو پريس سيڪريٽري عرفان علي سومرو سميت يونين جي ٻين عهديدارن ۽ ميمبرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ملازمن جا جائز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

شهدادڪوٽ ۾ 5 جون ماحوليات جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان سماجي تنظيم پاران ريلي

تعلقه اسپتال کان جمع خان ڪرل چوڪ تائين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي ريلي ڪڍي گشت ڪيو ويو

غفار پندراڻي، ايم ايس ڊاڪٽر صديق کهاوڙ، ڪي بي منگي، رياض پٽو، وهاب پندراڻي جي اڳواڻي ۾ گشت

پنهنجي ماحول کي انسان دوست بڻائڻ لاءِ انفرادي ۽ اجتماعي ڪردار ادا گهرجي: سماجي اڳواڻن پاران ڳالهيون

شهدادڪوٽ (شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ 5 جون ماحوليات جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان سماجي تنظيم اين ڊي ايس پاران پاٿ فائينڊر جي تعاون سان تعلقه اسپتال کان جمع خان ڪرل چوڪ تائين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي غفار پندراڻي، ايم ايس ڊاڪٽر صديق کهاوڙ، ڪي بي منگي، رياض پٽو، وهاب پندراڻي، رضيه چانڊيو شائسته پندراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سکر جي سنڌو درياهه جي ٻيٽ ۾ قائم قديمي سادو ٻيلا تيرٿ ۾ ميلو شروع

هزارن جي تعداد ۾ هندو برادري سان تعلق رکندڙ مردعورتون ۽ ٻارڙا پهچي ويا

مهاراج جو 160 هون ساليانو ميلو ٻئي ڏينهن به سادو ٻيلا تيرٿ آستان تي جاري رهيو

سکر (رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ)سکرجي سنڌو درياهه جي ٻيٽ ۾ قائم قديمي سادو ٻيلا تيرٿ آستان ۾ بابا بنکنڊي مهاراج جو 160 هون ميلو ٻئي ڏينهن به جاري،هزارن جي تعداد ۾ هندو برادري سان تعلق رکندڙ مردعورتون ۽ ٻارڙا پهچي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ناروشاهه رورل هيلٿ سينٽر ۾ معصوم نينگر علاج نه ٿيڻ جي ڪري تڙپي تڙپي فوت

معصوم نينگر اسد پٽ حسن سيال ٽيوب ويل مشين ڪرڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو

ڊاڪٽر ۽ عملو موجود نه هجڻ ڪري نينگر زخمن جا سور نه سهندي تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو

نوشهروفيروز(رپورٽ:منظور ملڪ) ناروشاهه رورل هيلٿ سينٽر ۾ معصوم نينگر علاج نه ٿيڻ جي ڪري تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو وارثن جو ايم ايس ۽ ڊيوٽي انچارج خلاف احتجاج ڪاروايي ڪرڻ جو مطالبو ناروشاهه پرسان ڳوٺ ساجن سيال جو رهواسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز: ڳوٺ ساجن سيال واسي رورل هيلٿ سينٽر خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين سکر پاران احتجاجي مظاهرو

جميل احمد ٻرڙو جي بازيابي لاءِ احتجاجي اجلاس بعد سيپڪو ڊويزنل پاران مظاهرو ڪيو ويو

ريجنل وائيس چيئرمين سيد زاهد حسين شاهه، ڏاڏا ديدار حسين، عقيل احمد دايو جي اڳواڻي ۾ ريلي

سکر (رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ) آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين سکر پاران سيپڪو ملازم جميل احمد ٻرڙو جي بازيابي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

گهوٽڪي جو نوجوان پنجاب جي شهر اوڪاڙا ۾ ٽرين مان ڪري فوت ٿي ويو

25 سالا نوجوان نويد احمد پيو ٽرين ۾ بسڪٽ، بوتلون وڪرو ڪري گذر ڪندو هيو

نويد احمد جو لاش پنجاب ريلوي پوليس ضروي ڪاروائي بعد گهوٽڪي ڏانهن روانه ڪري ڇڏي

عادلپور(رپورٽ:اسلم مهر) عادلپور جو نوجوان پنجاب جي شهر اوڪاڙا ۾ ٽرين مان ڪري فوت ٿي ويو 25 سالا نوجوان نويد احمد پيو ٽرين ۾ بسڪٽ، بوتلون ۽ ٻارڙن جون شيون وڪڻي پنهنجي گهر جو گذر سفر ڪندو هو نوجوان نويد احمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

خانپورمهر ويجهو ڳوٺ سخيرو ملڪ ۾ زمين ۾ وڻ ڪرڻ تان جهيڙو، 6 زخمي

ملڪ ۽ پتافي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، ٽن عورتن سميت 6 ڄڻا زخمي ٿي پيا

محمد بخش ملڪ، صحبت ملڪ، احمد، مائي گل خاتون، گل پري ،مائي آسم ملڪ زخمي

خانپورمهر(رپورٽ:آفتاب سيال) خانپورمهر ويجهو ڳوٺ سخيرو ملڪ ۾ زمين ۾ وڻ ڪرڻ تان ملڪ ۽ پتافي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، ٽن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

خانپورمهر: ڳوٺ سخيرو ملڪ واسي انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

مهانگائي، غربت ۽ بيروزگاري هر ڪنهن لاءِ مسئلا پيدا ڪري ڇڏيا آهن: خبيب تسليم

سنڌ ۾ تعليمي خرچ نه هجڻ سبب 2 ڪروڙ کان وڌيڪ ٻارڙا تعليم پرائڻ کان محروم آهن

اسڪولن ۾ ڪتاب، اسڪول بيگز، ڪاپيون نه هجڻ سبب ٻارڙا احساس ڪمتري جو شڪار آهن

سکر (رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ) شيڊ ويلفيئر ايسوسي ايشن جي اڳواڻ خبيب تسليم چيو آهي ته مهانگائي، غربت ۽ بيروزگاري هر ڪنهن لاءِ مسئلا پيدا ڪري ڇڏيا آهن ٻارن جي تعليم به والدين تي بار بڻجي رهي آهي تعليمي خرچ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

جوهي شهر مستوئي محلي جي رهواسڻ پاران مڙس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

مسمات فوزيه پنهنجي امڙ پير سن عورت امام زادي سان گڏ جي احتجاجي مظاهرو ڪيو

نذير عرف مور جي تشدد ۽ تيزاب هاري جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي: عورت

جوهي (رپورٽر) جوهي شهر مستوئي محلي جي رهواسڻ مسمات فوزيه پنهنجي امڙ پير سن عورت امام زادي سان گڏ جي پنهنجي مڙس نذير عرف مور جي تشدد ۽ تيزاب هاري جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

جوهي: مستوئي محلا واسي عورت امڙ سان گڏجي مڙس خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

رسول بخش پليجي کي سنڌ مان پورهيت عوام ورسي تي ڀيٽا پيش ڪندا: رحمان نهڙيو

قوم جي عظيم انقلابي اڳواڻ رسول بخش پليجي کي جنگشاهي ۾ گڏ ٿي سرخ سلام پيش ڪندا

عوامي تحريڪ جي اڳواڻن رحمان نهڙيو مارو قاسماڻي پارو ڪولهي ۽ ٻين ٺٽون ڪوٽ ۾ دعوتون ڏنيون

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) 7 جون سنڌ جو قومي ڏينهن آهي ان موقعي تي سموري سنڌ مان پورهيت عوام سنڌي قوم جي عظيم انقلابي اڳواڻ رسول بخش پليجي کي جنگشاهي ۾ گڏ ٿي سرخ سلام پيش ڪندا اڄو ته هڪ ڏينهن لاءِ پنهنجا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪنڌڪوٽ واپڊا هيڊرو يونين لاڙڪاڻي ڊويزن جي سڏ تي آفيسن جي تالا بندي

اغوا ٿيل واپڊا ملازمن جميل احمد ٻرڙو، آصف آرائين جي بازيابي لاءِ مظاهرو ڪيو ويو

فقير سڪندر باحڪاڻي جي اڳواڻي ۾ آفيسن جي تالا بندي ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو

ڪنڌڪوٽ(غالب بلوچ) ڪنڌڪوٽ واپڊا هيڊرو يونين لاڙڪاڻي ڊويزن جي سڏ تي آفيسن جي تالا بندي ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو جي اغوا ٿيل واپڊا ملازمن جميل احمد ٻرڙو، آصف آرائين جي بازيابي لاءِ صبح کان احتجاجن ٻوري ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

پ پ پ قيادت پاران دادو ضلعي ڪائونسل لاءِ سيد محمد شاهه چيئرمين نامزد

ميونسپل ڪاميٽي دادو جي لاءِ چيئرمين پير دانش علي کي نامزد ڪيو ويو آهي

پارٽي ورڪرن ووٽرن پاران منتخب ڪيل اميدوارن کي مبارڪون ڏيڻ جو سلسلو جاري

دادو(عزيزالله خاصخيلي) پ پ پ قيادت پاران دادو ضلعي ڪائونسل لاءِ اڳوڻو ايم پي اي سيد محمد شاهه چيئرمين ۽ شير محمد چانڊيو وائيس چيئرمين جڏهن ته ميونسپل ڪاميٽي دادو جي لاءِ چيئرمين پير دانش علي ۽ وائيس چيئرمين خالد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ساهتي پرڳڻي جي شهر مورو شهر اندر گلين روڊن رستن ۾ ڊرينج سسٽم جو ڪم هلندڙ

ڪروڙن روپين جي لاڳت سان بجيٽ ۾ گهوٽالو ڪري ناقص مٽريل استعمال ڪيو پيو وڃي

ملڪ ڪالوني درس روڊ سنڌ ڪالوني ۽ ٻين ڪچين آبادين جا آيل ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيا

ايف آءِ اي نيب اينٽي ڪرپشن سنڌ اندر ڪاروايون ڪري ڪرپٽ آفيسرن جو گهيرو تنگ ڪيو آهي

نوشهروفيروز (د ر) تازو ئي گذريل برسات بعد ساهتي پرڳڻي جي شهر مورو شهر اندر گلين روڊن رستن ۾ ڊرينج سسٽم ۽ پيورسڻ جو ڪم ٻڻ هلي رهيو آهي جڏهن ته ڪيترن ئي علائقن ۾ ڪم مڪمل ب ٿي چڪو آهي ۾ ستم ظريفي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز: مختلف ڪالونين ۾ هلندڙ ترقياتي ڪمن جو ڏيک

الخدمت ميڊيڪل سينٽر ٽنڊوڄام ۾ گردي جي مريضن لاءِ طبي ڪيمپ لڳائي وئي

ٽنڊوڄام (رپورٽر) الخدمت ميڊيڪل سينٽر ٽنڊوڄام ۾ گردي جي مريضن لاءِ هڪ ڏينهن واري مفت طبي ڪيمپ لڳائي وئي خبر موجب ٽنڊوڄام جي الخدمت ميڊيڪل سينٽر ۾ هڪ ڏينهن لاءِ مفت طبي ڪيمپ لڳائي وئي جنهن ۾ گردي جي بيماري جي ماهر ڊاڪٽر ذوالفقار قائم خاني مريضن جي مفت چڪاس ڪئي ، دعوائون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

خيرپور پوليس جو ڌوهارين سان مبينا مقابلو، 10 لک انعام يافته ٻه ڌوهاري گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سوپوديرو ٿاڻي جي حد سگيون لنڪ روڊ تي ڌوهارين سان مبينا مقابلو ٿي پيو جنهن ۾ گرفتاريون ٿيون

پوليس ڌوهاري فرحان رند پسٽل سان ۽ نفيس عرف پپو رند ڪلاشنڪوف سان گرفتار ڪري ورتو آهي: ذريعا

خيرپور (رپورٽر) خيرپور پوليس جو ڌوهارين سان مبينا مقابلو، 10 لک انعام يافته ٻه ڌوهاري گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪيس داخل. تفصيل موجب خيرپور پوليس سوپوديرو ٿاڻي جي حد سگيون لنڪ روڊ تي ڌوهارين سان مبينا مقابلو ٿي پيو ايس ايڇ او ٿاڻي سوپوديرو امير علي چانگ مطابق سگيون لنڪ روڊ تي ڌوهه جي ارادي سان بيٺل ڌوهارين سان مخفي اطلاع ملڻ تي مقابلو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سرحد پرسان پوليس چڙهائي بعد، زمين جي معاملي تان ٻن ڌرين ۾ چڪتاڻ، هڪ ڌر جو احتجاج

هڪ ڌر جو ٻئي ڌر خلاف پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج، پوليس اهلڪار ڌر مٿان زمين مٿان قبضي جا الزام

ڳوٺ محمد عثمان مهر واسي پيرسن گورو عرف گهرام مهر، علي عباس، مولابخش، مائي عورن احتجاج ڪيو

فرمان، جان محمد، عبدالمجيد، ۽ ٻين اسانجي 30 ويسا زمين مٿان زبردستي قبضو ڪيو آهي: مظاهرين جو الزام

سرحد(غلام عباس مهر) سرحد پرسان پوليس چڙهائي بعد، زمين جي معاملي تان ٻن ڌرين ۾ چڪتاڻ هڪ ڌرجو ٻئي ڌرخلاف پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج. پوليس اهلڪار ڌر مٿان زبردستي زمين مٿان قبضي جا الزام، انصاف نه ٿيڻ جي صورت ۾ پاڻ کي باهه ڏئي ساڙڻ جو چتاءُ، خبرموجب سرحد پرسان ڳوٺ محمد عثمان مهر واسي پيرسن گورو عرف گهرام مهر، علي عباس، مولابخش، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سرحد: ڳوٺ محمد عثمان مهر واسي احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين ۾ اٽي جو اگهه ته آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو، اختياريون خاموش تماشائي بڻيل

بدين (رپورٽر) بدين ۾ اٽي جو اگهه ته آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو ۽ فارمي مرغي جي گوشت جا من پسند اگهه مقرر. مختلف ڪاڌي پيتي جي شين جي ريٽ ۾ فرق. عارضي طور چارج وٺندڙ ڊپٽي ڪمشنر بدين ڪوبه نوٽيس نه ورتو. پرائس ڪنٽرول انتظاميه اگهور ننڊ ستل. شهر ۾ ڪاڌي پيتي جي شين جا اگهه آسمان سان ڳالهيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

دادو ۾ ڊسٽرڪٽ هاءِ ويز روڊس ۾ 75 ڪروڙ روپين جون 121 ترقياتي اسڪيمون بااثرن حوالي

اسڪيمون بااثر ٺيڪيدارن ۽ سياسي ماڻهن کي غير قانوني طور ٺيڪا ڏيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي

هاءِ ويز روڊس ۾ غير قانوني طور ٺيڪا ۽ چار پنج ڪمپنين کي رشوت عيوض وڌي ريٽ تي ڏئي ڇڏيا

عدالت لاڳاپيل عملدارن کي نوٽيس جاري ڪندي 8 جون 2023 تي رڪارڊ سميت عدالت ۾ طلب ڪري ورتو

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ ڊسٽرڪٽ ويز روڊس ۾ 75 ڪروڙ روپيا هاءِ جون 121 ترقياتي اسڪيمون بااثر ٺيڪيدارن ۽ سياسي ماڻهن کي غير قانوني طور ٺيڪا ڏيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي اهڙي عمل خلاف ٺيڪيدارن عدالت جو در کڙڪايو 8 جون تي عملدار سيشن ڪورٽ طلب. ڊسٽرڪٽ هاءِ ويز ڊويزن دادو پاران 16 مئي 2023 تي 121 ترقياتي اسڪيمن جن ۾ دادو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٽنڊو مستي لڳ ڳوٺ ٽنڊو مستي ريلوي واسي خاصخيلي برادري پاران احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ جي بااثر وڏيري ۽ ڪوٽڏيجي پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڪومل ڌيءَ گاجي خان کي زبردستي اغوا ڪري زبردستي نڪاح مٿان نڪاح ڪري ڇڏيو: الزام

نوٽيس وٺي شفاف نموني انڪوائري ڪرائي اسان کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي: ڳالهيون

ٽنڊو مستي (رپورٽر)ٽنڊو مستي لڳ ڳوٺ ٽنڊو مستي ريلوي واسي خاصخيلي برادري جي عورتن جو ٻارڙن سميت ڳوٺ جي بااثر وڏيري ۽ ڪوٽڏيجي پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٽنڊو مستي: ڳوٺ ٽنڊو مستي واسي عورتون بااثر خلاف احتجاج ڪري رهيون آهن

خيرپور بنگلي شهر جي رهواسڻ سلمي شاهه پاران پيار جي پرڻي بعد احتجاجي مظاهرو

خيرپور (رپورٽر) خيرپور بنگلي شهر جي رهواسڻ سلمي شاهه خيرپور شهر جي رهواسي مدد علي اڄڻ سان سکر جي عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو پيار پرڻو ڪندڙ جوڙي صحافين آڏو داٺهيندي چيو ته 18 ڏينهن اڳ اسان سکر جي عدالت ۾ رضا خوشي سان پيار جو پرڻو ڪيو آهي جنهن تان ناري سلمي جا وارث ڌمڪيون ڏئي پيا آهن ڪوٽڏيجي ٿاڻي تي ناري کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سکر پوليس جي اهلڪارن جا هڪ ئي رات ۾ 2 الڳ الڳ مبينا مقابلا، 2 ڌوهاري گرفتار

زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ، ساڄي ٽنگ ۾ گوڏي هيٺان گولي هڻڻ وارو رڪارڊ برقرار

سکر ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد بچاءُ بند وٽ پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مقابلو ٿي پيو: ايس ايس پي ترجمان

پوليس جي جوابي ڪارروائي ۾ هڪ ڌوهاري غلام شبير ميراڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو

سکر (رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پوليس جي توبچي اهلڪارن جا هڪ ئي رات ۾ 2 جدا جدا مبينا مقابلا، ٻن ڄڻن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ، ساڄي ٽنگ ۾ گوڏي هيٺان گولي هڻڻ وارو رڪارڊ برقرار، خبرموجب سکر پوليس پاران مبينا مقابلن وارو سلسلو جاري آهي، سکر پوليس جي توبچي بڻيل پوليس اهلڪارن هڪ ئي رات ۾ 2 مبينا مقابلا ڪري ٻن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٺٽي ۽ مڪلي شهر سميت مختلف شهرن ۾ چوري جون وارداتون عروج، احتجاج

دبئي شاپنگ سينٽر جي سامهون بيٺل مڪلي جي رهواسي جي موٽر سائيڪل چوري

سيف سٽي پروجيڪٽ هيٺ لڳل سي سي ٽي وي فوٽيج ڪيمرائون لڳائڻ باوجود چوريون

شهرين غلام مصطفيٰ جي اڳواڻي ۾ ساڪرو روڊ تي مظاهرو ڪري ٽائرن کي باهيون ڏئي ڌرڻو هنيو

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ۽ مڪلي شهر سميت ضلعي جي مختلف شهرن ۾ چوري جون وارداتون عروج تي آهن. گذريل رات ٺٽي ضلعي جي هيڊڪوارٽر مڪلي جي غلام الله روڊ تي دبئي شاپنگ سينٽر جي سامهون بيٺل مڪلي جي رهواسي جي موٽرسائيڪل چور چوري ڪري رفوچڪر موٽر سائيڪلن جي چوري جو سلسلو لاڳيتو جاري آهي پوليس کاتي پاران سيف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٺٽو: وڌندڙ بدامني خلاف شهري روڊ بند ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن

عوامي تحريڪ جي مرڪزي نائب صدر پاران رسول بخش پليجي جي ورسي لاءِ دورا

ڏوڪري(رپورٽر) عوامي تحريڪ جي مرڪزي نائب صدر ايڊووڪيٽ ساجد مهيسر ، ضلعي صدر علي حسن وڪو، ذوالفقار ميراڻي ۽ علي رضا جلباڻي پاران رسول بخش پليجي جي ورسي جي تقريب ۾ شرڪت لاءِ ڏوڪري ۾ دعوتون ڏنيون عوامي تحريڪ جي وفد پاران 7 جون تي ٿيندڙ رسول بخش پليجي جي ورسي جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

گوڙانو، ڏڪرچو توڙي ٿر ڪول جي سوين متاثر عورتن، ٻارڙن پاران احتجاجي مظاهرو

متاثرن ٻيهر بحالي جي واضع ۽ شفاف پاليسي نه جڙڻ، سماجي ۽ ماحولياتي اثرات لاءِ احتجاج

ماڻهن کي روزگار نه ملڻ توڙي ٻين مطالبن جي مڃتا لاءِ نهڻ اُس ۾ ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي

ڪمپنين زوري زبردستي ڊيم ٺاهي اسان جي زمينن کي خراب ڪيو آهي، معاملي جي جاچ ڪرائي وڃي: مطالبو

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:صادق بجير) گوڙانو ڏڪرچو توڙي ٿر ڪول جي سوين متاثر عورتن، ٻارڙن توڙي نوجوانن زمين، روزگار جا ذريعا متاثر ٿيڻ جي مد ۾ رائلٽي نه ڏيڻ، متاثرن ٻيهر بحالي جي واضع ۽ شفاف پاليسي نه جڙڻ، سماجي ۽ ماحولياتي اثرات جي جائزي وارين تحقيقي رپورٽن پڌريون نه ڪرڻ، گوڙانو ۽ ڏڪرچو ۾ زهريلي پاڻي جي جوڙ، ڪاٿين مان نڪرندڙ زير زمين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اڱارو 06 جون 2023ع

ترقياتي بجيٽ خرچ ڪرڻ جي 'انتظامي اهليت' جو سوال

ترقياتي بجيٽ خرچ ڪرڻ جي حوالي سان هر سال وانگر هن مالي سال دوران به سنڌ جي منتظمين جي ڪارڪردگي انتهائي ناقص رهي آهي. پر مجال آهي جو سنڌ جو انتظامي سربراهه معاملي جو نوٽيس وٺي لاڳاپيل وزارتن ۽ کاتن کان ڪو پڇاڻو ڪري، ويتر ان نا اهليءَ جو دفاع ڪندي تشريحون ۽ تاويلون پيش ڪيون پيون وڃن. خبرون آهن ته سنڌ حڪومت جا مختلف کاتا هلندڙ مالي سال جي 11 مهينن دوران جاري ٿيل بجيٽ جو به صرف 62 سيڪڙو خرچ ڪري سگهيا آهن. ترقياتي رٿائن لاءِ سنڌ حڪومت طرفان ڪل 459 ارب روپيا رکيا ويا هئا. جنهن مان خزاني واري کاتي 75 سيڪڙو رقم جاري ڪئي ۽ ان جاري ٿيل رقم 346 ارب رپين مان ان ترقياتي بجيٽ جي صرف 62 سيڪڙو رقم، يعني 214 ارب رپيا خرچ ٿي سگهيا.

هونئن ته سنڌ جي نامي گرامي 'پٿر هضم _ لڪڙ هضم' بيوروڪريسي جي ذات گهڻي تيزي هلي، پر اها تيزي صرف غير ترقياتي بجيٽ لاءِ آهي. ترقياتي بجيٽ ترقياتي اسڪيمن تي خرچ ڪرڻ ۾ گوٽتاڻ جاري هوندي آهي. هلندڙ مالي سال دوران ترقياتي اسڪيمن تي خرچ ڪرڻ جي حوالي سان سڀ کان وڌيڪ نا اهليءَ جو مظاهرو ماحوليات کاتي ڪيو. جيڪو جاري ٿيل بجيٽ جو به 31 سيڪڙو مس خرچ ڪري سگهيو آهي. ماحوليات کاتي جي اهڙي ڪارڪردگيءَ جون واڌايون ڪير وصول ڪندو؟ ان کان پوءِ ترقياتي بجيٽ خرچ ڪرڻ ۾ ٻيون ۽ ٽيون نمبر صحت ۽ تعليم کاتي جو آهي، جيڪي ترتيبوار 52 ۽ 62 سيڪڙو ترقياتي بجيٽ مس خرچ ڪري سگهيا آهن. مجموعي طور تي حساب لڳايون ته مختص ڪيل ڪل بجيٽ 459 رپين مان 214 ارب رپيا ترقياتي اسڪيمن تي خرچ ٿيڻ جو مطلب آهي ته هلندڙ مالي سال جي 26 مئي تائين صرف 46 سيڪڙو رقم خرچ ٿي سگهي آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته سنڌ جي بيوروڪريسي جي نا اهليءَ سبب 54 سيڪڙو بجيٽ خرچ ٿي نه ٿي سگهي. جڏهن اڌ کان وڌيڪ ترقياتي بجيٽ خرچ ٿي نه ٿي سگهي ته اهڙي ڪارڪردگيءَ کي ڪهڙو نالو ڏجي! اسان ان راءِ جا آهيون ته ترقياتي بجيٽ خرچ نه ڪرڻ سنڌ جي ترقيءَ کي روڪڻ جي مترادف آهي. هڪ ته اڳ ئي اهي بهانا هوندا آهن ته فنڊ ناهن ۽ جڏهن فنڊ ملندا آهن ته پوءِ به انهن کي خرچ ڪرڻ ۾ نا اهليءَ جو مظاهرو ڪيو ويندو آهي. سنڌ جي منتظمين جون گڊ گورننس جي حوالي سان دعوائون اڪين تي، پر اها ڳالهه سمجهڻ جي ضرورت آهي ته حڪومتي کاتن جي مجموعي ڪارڪردگيءَ سان ئي گورننس جو پروفائل جڙندو آهي. ۽ جڏهن کاتا سڄي سال ۾ اڌ کان وڌيڪ ترقياتي بجيٽ خرچ ڪرڻ جي اهليت نه رکندا هجن، ان ڪارڪردگيءَ سان گورننس جو ڪهڙو پروفائل جڙي ٿو. اهو سمجهڻ مشڪل نه آهي. ترقياتي بجيٽ خرچ ڪري نه سگهڻ جي نا اهلي صرف هڪڙي سال جي نه آهي، هر سال ائين ٿيندو آهي پر انهن کاتن جي ذميوارن کان پڇاڻو نٿو ڪيو وڃي. هڪ ته خزاني واري کاتي 25 سيڪڙو ترقياتي بجيٽ جاري ئي نه ڪئي، باقي جيڪا رقم جاري ڪئي ويئي اها به پوريءَ ريت خرچ نه ڪئي ويئي. سنڌ جو انتظامي سربراهه رڳو هر ٽن مهينن جي ڪارڪردگي رپورٽ وٺي ته گهٽ ۾ گهٽ اها حالت نه رهي. جيڪڏهن 'چيڪ اينڊ بئلنس' نه هوندو، خود احتسابيءَ جو طريقو نه هوندو ته ڪارڪردگي ڪيئن بهتر ٿيندي؟ اسان سمجهون ٿا ته ترقياتي بجيٽ رڳو ان ڪري نٿي خرچ ڪئي وڃي، جو بيوروڪريسي سمجهي ٿي ته ڪٿي اها احتسابي ادارن جي پڪڙ ۾ نه اچي وڃي، ڇو ته ڪرپشن جو هيراڪ اهو ڪامورڪو ڪڙم ته ڪرپشن کان پاڻ پلي نه سگهندو، ان ڪري اهو خوف ۾ ترقيءَ کي روڪي سنڌ جي عوام کي سزا ڏيئي رهيو آهي. اڌ کان وڌيڪ ترقياتي بجيٽ خرچ نه ڪري سنڌ جي ترقيءَ واري عمل کي روڪڻ انتهائي ڳڻتيءَ جوڳو آهي. ان ڪري سنڌ جي انتظامي سربراهه کي اهڙي ڪارڪردگيءَ جو نوٽيس وٺڻ گهرجي.

سنڌ جي تاريخ ۽ ان سان ٿيندڙ بي انصافيون

طفيل مگسي

قومي تاريخ ۽ علائقائي تاريخ وصوبائي تاريخ نويسي ٻئي الڳ الڳ بنياد تي جڙندي آهي. قومي تاريخ جيڪا بحيثيت قوم، جو گڏيل سياسي، معاشي، سماجي ۽ ارتقائي تاريخ جو احساس ڪندي آهي ۽ ان تحقيق جي نتيجي ۾ قومي هيرو تاريخ ۾ جٽي ريت اڀرن ٿا. قومي تحريڪن کي علائقائي منادن کان الڳ رکي ڪري ڏٺو ويندو آهي. جنهن ۾ قوم هڪ اهم عنصر جي طور تي اڀري ٿي. جڏهن ته علائقا ۽ قوميتون حقيقي بنياد تي هونديون آهن ان جي پيٽ ۾ علائقائي يا صوبائي تاريخ قوم، کان الڳ ٿي ڪري پنهنجي تاريخ کي قوميت جي بنيادن تي جوڙي ٿي ۽ علائقائي سياست ،معشيت ۽ ثقافتي وسماجي سرگرمين کي اجاگر ڪري ٿي. ان تاريخ نويسي ۾ صوبائي يا علائقائي شخصيتون الڳ ريت ڪان اڀرن ٿيون، ۽ انهن جا ڪارناما صوبي يا علائقي جي ماڻهن جي لاءِ فخر جو سبب هوندا آهن قومي وعلائقائي تاريخ روين ۽ لاڙن کي جنم ڏين ٿيون يعني هڪ قومي سڃاڻپ کي اڀاري ٿي ته ٻئي انهيءَ کي مضبوط ڪري ٿي. انهن ٻنهي تاريخن ۾ ان وقت اجا ته ٽڪراءُ وڌي وڃن ٿا ته جڏهن قومي تاريخ نئين هجي ۽ علائقائي تاريخ پراڻي هجي. مقصد ته اهو فرق يا ڏوري ان وقت اجا وڏيڪ مسئلا پيدا ڪري ٿي جڏهن قومي تاريخ کي سياسي تسلط جي لاءِ استعمال ڪيو وڃي ۽ ان جي وسيلي علائقائي سڃاڻپ ۽ امتياز کي پسمنظر ۾ ڌڪيو وڃي. يا ان کي ڪمزور ڪيو وڃي يا ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. قومي ۽ علائقائي تاريخون ان وقت به پاڻ ملهائينديون آهن جڏهن ڪنهن ملڪ جا علائقا پنهنجي الڳ جغرافيائي،لساني ۽ ثقافتي سڃاڻپ رکندا هجن ۽ انهن کي رياست جي ڏاڍ ۽ تشدد جي وسيلي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ۽ ان کي پاڻ ۾ زبردستي پيو وڃي. ان پسمنظر ۾ جيڪڏهن اسان پاڪستان ۾ قومي ۽ علائقائي تاريخ تي نظر وجهون ٿا ته اسان کي پتو پوي ٿو ته پاڪستان جي قيام جي وقت ان جا پنج صوبا پنهنجي الڳ بنياد تي الڳ حيثيت رکندا هئا. پاڪستان جو بحيثيت ملڪ وقوم جي بلڪل نئون وجود هو.ان ڪري جڏهن هن ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته پاڪستاني قوميت علائقائي يا صوبائي قوميت کان وڌيڪ اهم ۽ برتر آهي ۽ ان جي لاءِ ضروري آهي ته علائقائي فرق کي ختم ڪري ان کي هڪ قوم ۾ ملائي ڇڏجي ته ان جو ردعمل صوبن ۾ ڪاوڙ وارو ٿيو.جڏهن صوبائي سڃاڻپ کي رد ڪري تعصب ۽ صوبي پرستي جي طور تي منفي انداز ۾ استعمال ڪيو ويو ته علائقي جي ماڻهن ۾ ان جي سبب کان محرومي جو احساس ۽ ڏک وڪاوڙ جي جذبن جنم ورتو

سنڌ جي تاريخ نويسي پاڪستان جي سياسي حالتن ۽ انهن جي لاهن چاڙهن ۽ تبديلين جي آرسي آهي. جيئن جيئن ملڪي ۽ قومي حالتون بدلبيون ويون.ان ريت سان سنڌ جي تاريخ نويسي جا لاڙا ۽ نظريا بدلبا ويا ۽ ان مرحلي تي اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي ته ورهاست جي وقت سنڌ ٻين صوبن جيان ٻن حصن ۾ ورهايل نه هئي.جيئن بنگال ۽ پنجاب ۽ نه ئي سرحد جيان ته جتي پٺاڻ قبيلا سرحد ۽ افغانستان يعني ٻنهي هنڌن تي موجود آهن.

سنڌ جي تاريخ نويسي ۾ هن ڳالهه تي زور ڏنو ويندو رهيو آهي ته پاڪستان جي قيام جي جدوجهد ۾ سنڌ جو نهايت ئي اهم رهيو آهي. مثلا 1938ع ۾ ڪراچي ۾ صوبائي مسلم ليگ هڪ آزاد مسلمان رياست جي قيام جي لاءِ ريزولوشن پاس ڪيو جنهن کي شيخ عبدالمجيد سنڌي پاس ڪيو هو

3مارچ 1943ع ۾ سنڌ اسيمبلي ۾ پاڪستان جي قيام جي سلسلي ۾ جيڪا رٽ پيش ڪئي هئي.ان جي حمايت ۾ جي.ايم. سيد پرزور تقرير ڪئي هئي ۽ چيو هو ته هندستان ۾ مسلمان هڪ الڳ قوم آهن.انهن جو مذهب،فلسفي سماجي رسمون ،ادب روايتون ،سياسي ۽ اقتصادي نظريا بلڪل مختلف آهن.ان ڪري کين کي هڪ قوم تسلير ڪندي الڳ علائقو ڏنو وڃي(3). 1946ع ۾ سنڌي جي صوبائي اسيمبليءَ سڀ کان اڳ پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جي قرارداد پيش ڪئي سنڌي ادبي بورڊ جي طرف کان ان جي رسالي "مهراڻ" 1985ع تحريڪ آزادي نمبر ڇاپيو هو.ان جي ايڊيٽوريل ۾ سنڌ ۽ تحريڪ آزادي جي ٻاري ۾ روشني وجهندي لکيو ويو آهي"وطن عزيز پاڪستان جو اصل خالق سنڌ آهي(4). اڳتي هلي ڪري ان تي افسوس جو اظهار ڪيو ويو آهي ته پاڪستان جي قيام ڪانبوءِ ٻيا صوبا سنڌ جي ان تاريخي ڪردار کي يا ته گهٽ ڪري پيش ڪري رهيا آهن يا ان کي بلڪل نظر انداز ڪيو ويو آهي.مثلا قائداعظم محمدعلي جناح ته جنهن جي جنم جو هنڌ جهرڪ آهي.ان جي بجاءِ هاڻي ڪراچي جي وزير مينشن کي اهو مقام ڏنو ويو آهي.سنڌ جي قومي ۽ تاريخ ساز شخصيتن جي ٻاري ۾ قومي سطح تي انهن جي خدمتن جو اعتراف نه ڪيو ويو(5).ان ڪري مهراڻ جي ان شماري ۾ ٻه حصا آهن پهرين حصي ۾ سنڌ جي آزادي وارين تحريڪن جي ٻاري ۾ ڪردار ڏنو ويو آهي.جڏهن ته ٻيئي حصي ۾ تحريڪ آزادي جي 18 خاص شخصيتن جو ذڪر ڪيو ودو آهي. تحريڪ آزادي ۽ پاڪستان جي قيام جي جدوجهد ۾ سنڌ پنهنجي ڪردار کي پيش ڪري صوبائي حقن ۽ صوبائي خودمختياري جي حق ۾ مضبوط ٿيڻ ٿي چاهيو هو چونڊ قيام پاڪستان ڪانپوءِ سنڌ کي حڪومت کان اها نمائندگي نه ملي هئي.جنهن جو هو خواهشمند هو.ان جي بنياد تي اڄ به سنڌ پنهنجي حقن جي لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي. سنڌ جي تاريخ نويسي ۾ ان وقت انقلابي تبديلي آئي جڏهن 1956ع جي دستور ۾ اولي پاڪستان جي جٽني صوبن کي ملائي ڪري ون يونٽ لڳايو ويو.ان عمل سنڌ کي هڪ ڀيرو ساڳئي صورتحال کان پريشان ڪري ڇڏيو ته جيڪا بمبئيءَ سان الحاق جي صورت ۾ هئي سنڌ جي خودمختياري هڪ ڀيرو وري ختم ٿي وئي. ۽ اها بمبئي جي جڳهه تي لاهور جي ماتحت ٿي ڪري رهجي وئي. ان عمل سنڌ جي اڳواڻن جي موقعي پرستي به اڀري ڪري سامهون آئي.انهن ۾ اهي اڳواڻ هئا.ته جن پنهنجي ذاتي مفادن جي خاطر ون يونٽ جي حمايت ڪئي ۽ ان جي جوڙجڪ ۾ پنهنجا وسيلا ۽ توانائيون استعمال ڪيون.ان مرحلي تي اهي اڳواڻ به سامهون آيا ته جن ان سياسي عمل جي مخالفت ڪندي قيد ۽ سزائون برداشت ڪيون. ون يونٽ جي تجربي سنڌ کي سياسي طور تي باشعور بنائڻ ۾ وڏي مدد ڏني.ڇاڪاڻ ته انهن تي پنجاب جي بالادستي هئي سنڌ بيراج جون زمينون فوجي آفيسرن ۽ بيوروڪريٽس کي ڏنيون ويون. سرڪاري نوڪرين ۾ غير سنڌين جو تسلط ٿي ويو.انهن حالتن ۾ سنڌين کي احساس ٿيو ته "باب الاسلام "هئڻ ۽ تحريڪ آزادي پاڪستان جي قيام جي جدوجهد انهن جي حمايت انهن کي نه صرف حقن کان محروم ڪري ڇڏيو بلڪ سياسي ومعاشي ۽ ثقافتي طور تي پوئتي ڌڪي ڇڏيو.ان ڪري سنڌ جي تاريخ نويسي ۾ هيشتر تائين جيڪا اهميت مذهب ۽ مذهبي سڃاڻپ هئي.ان کي رد ڪيو ويو.ان جي مقابلي ۾ جيڪي نوان لاڙا پيدا ٿيا.انهن سنڌ ۾ "نيشنل ازم "جي جذبن کي جنم ڏنو.ان سان گڏ ئي تاريخ نويسي ۾ انهن واقعن کي اجاگر ڪيو ويو ته جن ۾ غير ملڪين جي حملن جي سبب کان سنڌ کي نقصان ڪٺڻو پيو هو ۽ غير ملڪي ثقافت جو سنڌ تي تسلط ٿي ويو هو.ان موقعي تي سنڌ جي تاريخ ۾ اهي گروه پيدا ٿيا يعني هڪ اهي ته جن سنڌ جي دفاع ۾ قربانيون ڏنيون هيون.غير ملڪين جي خلاف مزاحمت ڪئي هئي ۽ ٻيا اهي هئا ته جن سنڌ جي مفاد کي هڪ پاسي ڪري پنهنجن فائدن جي لاءِ حمايت ڪئي هئي.جنهن ۾ "سنڌ جي سورمن ۽ سنڌ جي غدارن"جي تاريخي ڪردار جو جائزو ورتو ويو(7). جي.ايم.سد سنڌ جي تاريخ نويسي ۾ جيڪي اهم تبديليون ڪيون اهي هيءَ آهن ته هن عربن جي سنڌ کي فتح رحمت جو سبب نه بلڪ رسوائي جو سبب قرار ڏنو محمد بن قاسم جيڪو هينئر تائين فاتح ۽ هيرو هو اهو حملي آور ۽ غاصب ٿيو.ته جنهن سنڌ تي حملو ڪري هن کي فتح ڪري هن کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو.ان جي جاءِ تي اصل هيرو راجا ڏاهر هو ته جنهن مادروطن جو دفاع ڪيو هئي سنڌ جي تاريخ اسلام پسندن ۽ قوم پرستي ۾ ورهائجي وڃي ٿي.اسلام پرست سنڌ جي تاريخ پراڻي .وادي سنڌ جي تهذيب ۽ ان تي فخر ڪرڻ کي غيراسلامي سمجهندي ان کي رد ڪن ٿا ۽ سنڌ جي تاريخ جي شروعات عربن جي فتح کان ڪن ٿا.جڏهن ته قومپرست عربن جي فتح کي ٻين حملي آورن جيان هڪ غاصبانو حملو تصور ڪندي ان جي مذمت ڪن ٿا.انهن ٻنهي لاڙن ۾ سنڌ جي موجوده سياست ڏيک ڏيئي ٿي حملي آورچاهي مسلمان هجي يا غير مسلم .ان کي بحيثيت حملي آور ۽ غاصب جي ڏسڻ گهرجي. وطن جو دفاع چاهي هندو يا مسلمان ڪري ان جي عزت ڪرڻ گهرجي(8). جي .ايم .سيد سنڌ جي تاريخي ٽڪرن تي تنقيد ڪئي.جن ۾ انهن حملي آورن جي تعريف آهي.جيئن چچ نامو يا جنت سنڌ وغيره.هن جي ويچوانهن تاريخن ۾ سنڌ جي ماڻهن جي لاءِ مدهوشي جو مواد آهي.ته جيڪو کين کي درست تاريخي شعور کان محروم ڪري ڇڏي ٿو(9).ان ڪري اهي سمورا فاتح جن سنڌ کي فتح ڪيواهي غاصب .ظالم ۽ سنڌ کي تباهه ڪرڻ وارا هئا.چاهي اهو دارا هجي يا محمد بن قاسم .محمود غزنوي.علاؤالدين خلجي.شاهه بيگ ارغون .خان خانان فرخ سيهر هجي يا چارلس نيپيئر هجي(10). موجوده سياسي حالتن ۾ ضروري هو ته تاريخ کي هيروز ۽ غدارن جي سڃاڻپ ۾ لکيو وڃي.يعني اهي فرد جن سنڌ جو دفاع ڪيو.ان جي لاءِ قربانيون ڏنيون. ۽ پنهنجي ذاتي مفادن کي ملڪ وقوم جي مفادن تي اوليت ڏني.اهي ماڻهو ته جن غير ملڪين .فاتحن سان مفاهمت ڪندي ذاتي فائدا حاصل ڪيا.ان ڪري سنڌ جي سورمن ۾ راجا سهيرس .راجا ڏاهر دودوسومرو دريا خان .مخدوم بلاول.شاهه عنايت.هوش محمد شيدي.الله بخش سومرو.۽ هيمون ڪالاڻي شامل آهن.جڏهن ته غدارن ۾ قاضيي قاضن نارمل ۽ مير علي مراد ٽالپر خاص آهن جن سنڌ سان غداري ڪئي.ان ٿين تاريخ نويسي ۾ اهو پيغام ڏنو ويو ته سنڌ جي آزادي جون جنگيون جيڪي ڪيچ مڪران. نئي مياڻي ۽ ڊبي ۾ وڙهيون ويون اهي ختم ناهن ٿيونبلڪ هينئر تائين اهي جنگيون شهر شهر ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڙهيون وينديون(11). سنڌ تي غيرملڪي تسلط جا ڪهڙا اثر پيا؟ان موضوع تي 1962ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو ڪتاب"تاريخ مظهر شاهجهاني"ڇاپيو جنهن جو ڪيس حسام الدين راشدي لکيو آهي.ان ڪيس ۾ هن خصوصيت سان انهن واقعن جي چونڊ ڪئي آهي جن ۾ سيوستان جي مغل گورنر جي سنڌ جي ماڻهن سان ظلمن جي تفصيل آهي.ان کي جيڪڏهن زماني حال جي نظر ۾ ڏٺو وڃي ته اندازو ٿيئي ٿو ته سنڌ اڄ به غيرملڪي تسلط ساڳئي ريت ظلمن جو شڪار آهي.مثلا مغولڪي ٿو سنڌ جي گورنر جون ميرزا يوسف"هر ڏينهن بيگناهه ماڻهن کي شهر کان گهرائي پنهنجي سامهون ذليل ڪندا هئا. ۽ ان ريت ٻي ٿي سو بڪناهه ماڻهن کي ڪٽن هن وٽ روزاني جو معمول هو.مار ڏيڻ وقت جيترا مظلوم مري ويندا هئا.انهن جي سارسنڀال ڪرڻ وارو ڪوبه نه هو ظلم جي اونداهي ايتري ڇانيل هئي ته داد فرياد جي لاءِ ڪنهن کي سڏين ها ۽ ڪنهن جو درڪڙڪائين ها(12) مغل حڪومت ۽ ان جي عهديدارن جي ظلمن ۾ ماڻهن جي دولت وجائيداد ضبط ڪرڻ.وڏائيڪس مڙهڻ.اذيت جا نوان نوان طريقا اختيار ڪرڻ .ماڻهن ڪسن رشوت وٺڻ .ڌاڙيلن ۽ رهزنن جي سرپرستي ڪرڻ ۽ شهرجي معزز ماڻهن جي بيعزتي ڪرڻ شامل هو.جنهن جو نتيجو اهو نڪتو ته سيوستان جو سمورو علائقو تباهه وبرباد ٿي ويو علائقن جا علائقا ويران. آباديون اجڙي ويون ۽ زمينون سڪي نوٽ بڻجي ويون. ماڻهو پريشان ٿي ڪري سنڌ جي ٻين علائقن ڏانهن لڏپلاڻ ڪري پناهه وٺڻ تي مجبور ٿي ويا.اهو سڀ ڪجهه ٿيندو رهيو ليڪن ڪنهن جي وات کان هڪ لفظ به نه نڪتو(13). انهيءَ وقت محمد عثمان ڏيپلائيءَ هڪ تاريخي ناول "سانگهڙ"جي نالي سان 1962ع ۾ لکيو.جنهن ۾ حر تحريڪ ۽ برطانوي حڪومت جي وچ ۾ مزاحمت کي بران ڪيو آهي.ته جيئن نئين نسل کي اهو تاريخي شعور ٿيئي ته سنڌ جو عوام غيرملڪين جي خلاف جدوجهد ڪندو رهيو آهي. سنڌ جي ماڻهن ۾ تاريخي شعور پيدا ڪرڻ جي لاءِ اهو به ضروري هو ته تاريخ کي ان ريت سان بيان ڪيو وڃي ته جنهن سان سنڌ جي عظمت ۽ وڏائي ۽ تهذيبي ورثي جي زرخيزي ثابت ٿيئي.ان تهذيبي عمل جي تاريخ موهن جو دڙو کان شروع ٿيئي ٿي ۽ وري ان ثقافتي ورثي جون جهلڪيون نظام الدين جي مقبري جي چٽسالي.رني ڪوٽ ۽ عمرڪوٽ جا قلعاحيدرآباد جو نيرون ڪوٽ.سنڌ جو اجرڪ .رلي.ڪاشي جي ٽائلن ۽ فرنيچر ۾ ڏيک ڏيئي ٿو(14). سنڌي ادب جا چمڪندڙ تارا شاهه لطيف.سچل ۽ سامي آهن ته جن پنهنجي شاعري ۾ سنڌ جي جذبن جي ترجماني ڪئي آهي ۽ سنڌ جي ٻوليءَ کي سرسبز بڻائي ڪري هن کي هڪ الڳ حيثيت ڏني آهي. سنڌي قومپرستي جو بنياد مذهب تي ناهي بلڪ ٻولي ۽ علائقائي آهي. سنڌي ڳالهائڻ وارو چاهي مسلمان هجي يا غير مسلم اهو قوم جو ميمبر آهي.ان نظريي به قومي نظريي جي نفي سنڌي قوميت کي سيڪيولر بنيادن تي بيهاريو آهي. هتي هن ڳالهه ڏانهن اشارو ڪرڻ ضروري آهي ته جڏهن به تاريخ کي نيشنل ازم جي تحت لکيو وڃي ٿو ته جيئن واقعن کي نه صرف چٽو ڪيو وڃي ٿو بلڪ ان جي بيان ۾ اصليت کان به ڪم ورتو وڃي ٿو نيشنل ازم جا مخالف جيڪڏهن واقعا هجن ته انهن کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو سنڌ جي تاريخ نويسي ۾ به انهن لاڙن کي ڏسون ٿا. پيو اهو ته سنڌ جي تاريخ نويسي جا اهي نظريا علمي طور تي پيش نه ڪيا ويا بلڪ انهن کي جذباتي طور تي لکيو ۽ پکيڙيو ويو آهي.سنڌ جي مظلومي ۽ محرومي کان فائدو وٺڻ وارا سنڌ جا نامر نهاد وڏيرا ۽ زميندار رهيا.جڏهن ته سنڌ جو عوام ساڳئي ريت استحصال جو شڪار ٿيندو رهيو ۽ رهي ٿو سنڌ جي تاريخ نويسي سنڌي نيشنل ازم جي لاهي چاڙهي ۾ اچي ڪري ماني ٿي وئي يا ٽڪر ٽڪر ٿي ڪري وڪاجي وئي ۽ ان ۾ صرف ان حدتائين نوان خيال ۽ نظريا آيا ته جيستائين هنن نيشنل ازم کي سهارو ڏنو ۽ قومي تحريڪ جي مفادن کي پورو ڪيو ليڪن سنڌ جي تاريخ نويسي ۾ علمي طور تي ڪا ترقي نه ٿي.هن ڳالهه جي ڪا ڪوشش نه ٿي ته سياست اڳتي وڌي ڪري ان کي ٻين سماجي علمن جي روشني ۾ جوڙيو وڃي. ۽ سنڌ ۽ ان جي معاشري وسماج تي تحقيق ڪئي وڃي.مثلا اهو ته ٽيڪنالوجي سنڌ جي معاشري تي ڪهڙا اثر وڌا؟ ڪهڙن ڪهڙن مرحلن تي سماجي تبديليون ٿيون ۽ هتي سنڌ جي سماجي طبقن جي ڪنهن انداز سان جوڙجڪ ڪئي.ڇا سنڌ ۾ هارين جون بغاوتون ٿيون؟ ان جو زرعي ۽ پوڪي راهي وارو نظام ڇا هو.ان جو قبائلي نظام ڪهڙن بنيادن تي قائم هو.غيرملڪي واپار سنڌ تي ڪهڙا اثر وڌا؟ويچهڙائي ۾ شڪارپور ۽ حيدرآباد جي هندو واپارين ۽ انهن جي واپاري سرگرمين تي ڪلاڊ مارڪووش ڪم ڪيو آهي ان کان سنڌ جي هندو واپارين ۽ انهن جي سڄي دنيا ۾ پکڙيل واپار جي ٻاري ۾ تمام گهڻي ڄاڻ حاصل ٿيئي ٿي.ان ريت سنڌ جي عالمن تي سنڌ ۾ سکن جي موجودگي ۽ انهن جا مذهبي رويا.اهو ۽ ان قسم جا ڪافي موضوع آهن.جن تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڏٺو وڃي ته سنڌ جي تاريخ اڃا مڪمل ناهي.هن کي سياست ۽ تنگ نظرين کان ڪڍي ڪري ڪشادن بنيادن تي مڪمل ڪرڻ جي ضرورت آهي.مگر موجوده حالتن ۾ اهو هڪ خواب لڳي ٿو ڇو ته سنڌ جون يونيورسٽيون ۽ تحقيقي ادارا تخليقي صلاحيتن کان محروم آهن.جيڪي سنڌ جي تاريخ تي تحقيق ۽ علمي ڪم ڪري سگهن.تاريخ جو ڪم صرف سياسي مفادن کي پورو ڪرڻ ناهي بلڪ ان جو ڪم ماڻهن ۾ هڪ اهڙو تاريخي شعور پيدا ڪرڻ آهي ته جيڪو ماضي وحال کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيئي.::

اڃا تُنوران. ڪالهه ڪڍيائون سڃڻين:
پڻ تايائون تڪڙو. وحدت جي وَڏان:
محبتين مٿان. مڄ مُورائين نه لهي!

پي ٽي آءِ جي ريڊ لائن عمران خان ۽ پاڪستان جي تباهي

حفيظ الله نيازي

عمران خان اسان جي ريڊ لائين. ڪراس نه ڪرڻ جي. ڊيجارينڊا اسٽيبلشمينٽ لاءِ هئي. بدقسمت ملڪ هر 10/15 سالن ڪانپوءِ واپس زيرو پوائنٽ تي اچي ٿو. هر ڀيري نئين منزل. نوان رهنما اصول طئي ٿيڻ شروع ٿيا. ته "نئون پاڪستان. ۽ "هڪ پاڪستان نه". آزادي جو سفر جنرل هن هڪ پنهنجي قسم جو پهريون منصوبو جيڪو شايد 10 سالن ۾ مڪمل ٿيڻ کان اڳ زمين کي ٽوڙي ڇڏيو سازشين جي CASUALTIESجو حساب سامهون نئواجي ۽ نه ٿي بادشاهت جي تباهي ۽ برباديءَ جو اندازو. بظاهر "پراجيڪٽ عمران خان" جي ڊيموڪريشن "پائرن" جا ڏند ڪٽيا آهن اسٽيبلشمينٽ کان ڪير اهو ڪريڊٽ کسي سگهي ٿو ته حڪومت يا نظام کي ننگي هٿن سان ڪٺڻ جدوجهد ڪرڻ. ڪاٻي هٿ جي راند آهي. 100 سيڪڙو ڪاميابي يقيني آهي. ٽروڙ آف ٽاپ. هڪ بدقسمت ماڻهو جنهن کي سياسي سوچ آهي ۽ ڪجهه سالن کان ٻڪ آهي. جيڪڏهن دشمن تي ڪا ڪاوڙ نازل ٿئي يا بدڪاريءَ جي لپيٽ ۾ اچي ته منهنجو گهر نشانو بڻجي وڃي. ان کان اڳ جڏهن نوازشريف اسٽيبلشمينٽ جي چنڊچاڻ جو نشانو بڻيو ته هن سڄي زندگي پنهنجي هٿ جي مگٽي ۾ رکي گذاري. سڀ کان دلچسپ واقعو اڄ صبح جو جڏهن منهنجي ڏيءُ مون کي ٻڌايو ته 40/30 پوليس وارا اڌ رات جي وقت گهر تي چڙهائي ڪري منهنجي پٽ کي کڻي ويا. محمد عظيم نيازي منهنجي وڏي ڀاءُ سعيد الله خان جو پٽ آهي. عظيم خان جي والد. ڀاءُ ۽ چاچي جون سياسي همدرديون ۽ وابستگيون مسلم ليگ (ن) سان آهن. پر عظيم خان پاڻ غير سياسي آهي ۽ ان جو سياست سان ڪو به واسطو ناهي. گذريل 18 سالن کان هڪ ملٽي نيشنل ڪمپنيءَ سان وابسته. هڪ غير سياسي. بي ضرر پروفيشنل. سر کان پيرن تائين. جملا سلام. پر اتفاق سان هو 11/10/09 مئي تي نٿيا گلي ۾ هڪ ڪاروباري ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪري رهيو هو. رڳو اسان جون سيڪيورٽي فورسز ٿي سمجهي سگهن ٿيون ته اهڙن بي ضرر غير واسطيدار ماڻهن کي گرفتار ڪري ڪين ڪهڙو فائدو؟ صرف خدا ڄاڻي ٿو ان کان اڳ حسن جي گهر تي ڇاپو هڻي ڊرائيور الطاف ۽ باورچي رحيم کي گرفتار ڪيو ويو ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ رحيم کي اڌ مئل حالت ۾ واپس آندو ويو. جتان هو سروسز اسپتال ۾ بي هوش هو. زندگي جي جنگ وڙهندو رهيو. جڏهن ته ڊرائيور الطاف 16 ڏينهن کان گم آهي. واپس موضوع ڏانهن اچون ٿا. قومي تاريخ جو سبق آهي ته ان نظام کي اڇلايو وڃي ته جيئن اسٽيبلشمينٽ جي ڪاميابي کي يقيني بڻايو وڃي. هڪ ٻيو سبق. نئون مستحڪم نظام ناهڻ لاءِ ناڪامي آهي. آخري به سبق پٽ تي لکيل آهن اهو ئي سبب آهي جو 10/15 سالن کان پوءِ وطن عزيز جي واپسي زيرو پوائنٽ تي آهي. اهي هڪ دائري ۾ قائل آهن. ان جدوجهد ۾ ڪيترائي حادثا پيش آيا. اسان جي اسٽيبلشمينٽ جي نظام کي تباهه ڪرڻ جو جذبو ڪڏهن به ڍهي نه ويو آهي ۽ هر ڀيري ڪاميابي ان جي پليان آئي آهي. ٻئي طرف مستحڪم نظام جو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿي سگهيو آهي. اڄ جيڪڏهن "سياست نه پر رياست بچايو" منصوبو رياست لاءِ عذاب بڻجي ريو آهي ته ان جي تباهيءَ جي ذميواري ان منصوبي جي رٿابندي ڪندڙن تي پوندي. .جيتوڻيڪ اسٽيبلشمينٽ جي ارادن جو اندازو لڳائڻ لاءِ، نه ته سڌو تجربو ۽ نه ئي اندروني انتظام سان واقفيت ضروري آهي، پر مشاهدن مان اندازو لڳائڻ ڪڏهن به ڏکيو نه رهيو آهي. پاڪستان جي تاريخ ۾ جنرل عاصم منير پهريون سربراهه هو جنهن اداري کي سياست کان پري رکيو ۽ پنهنجي پيشي کي وقف ڪيو اها بدقسمتي آهي ته عمران خان وڏي ڪوشش سان موجوده آرمي چيف کان اهو اختيار کسي ورتو اڄ عمران خان اسٽيبلشمينٽ کي جنهن راهه تي وٺي ويو آهي. ان جو هڪ اهڙو مثال بڻجي ويو آهي. جنهن کي تاريخ پيش ڪرڻ کان قاصر آهي. ان سان گڏ پاڪستان جو آئين به ڪجهه ديرجي تند سمهي رهيو آهي.جيئن گذريل ڪالمن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ته. عمران خان ۽ سندس گروپ سيپٽمبر کان جنرل عاصم منير جي خلاف گندگي سان ڀرپور مهم شروع ڪري ڇڏي هئي. عمران خان راولپنڊي لانگ مارچ ۽ مقرري روڪڻ جي نوٽيفڪيشن سان ڊرامو ڪيو. ستم ظريفي اها آهي ته 29 نومبر ڪانپوءِ جنرل عاصم منير خلاف به اهو سلسلو بند نه ٿيو جنرل عاصم منير جي مقرري کي روڪڻ لاءِ 29 نومبر کان ڪجهه مهينا اڳ شروع ڪيل مهم (جنهن ۾ اداري جي اندر کان مدد. سهڪار حوصلا افزائي شامل آهي) اڄ تائين جاري آهي. جنرل عاصم منير کي ڪمزور ڪرڻ جا ٻه ناپاڪ مقصد نظر آيا. دٻاءُ هيٺ اهي استعيفيٰ ڏئي سگهن ٿا يا ڪمزور قيادت هيٺ. تنظيم پاڻ ۾ اختلافن جو شڪار رهي ٿي. 9/10 مئي جي واقعن تي عمران خان جي اطمينان جو اظهار. لفظن جي چونڊ ۽ باڊي لينگريج هڪ فاتح جو تاثر ڏنو عمران خان جي ذهني پسماندگي. سياسي هوشياريءَ ۽ شعور جي کوٽ جو هو 9 مئي واري واقعي جي سنگينيءَ جو اندازو ئي نه لڳائي سگهيو. پهرين ڏينهن کان مسلسل اهو لکيو پيو وڃي ته 8 مئي تي جنرل عاصم منير کي سڀ کان ڪمزور آرمي چيف سمجهيو پيو وڃي. جڏهن ته 12 مئي تي ڪيس محب وطن تصور ڪيو ويو ۽ هو تاريخ جو طاقتور ترين اڳواڻ بڻجي اڀريو 9 مئي جو سانحو ان ڳالهه جو نشانو آهي ته سياسي آئيني حڪومت جي موجودگيءَ ۾ جنرل عاصم منير جا سگنل ابرو تڻن جا منتظر آهن.9 مئي جو سانحو فوجي قيادت ۽ ادارن جي اکين ۾ لوڪ لاهڻ لاءِ، تمام گهڻو بندوبست ڪيو ويو. عمران خان جي ميڊيا ۽ جارحاڻي سياست جي اثرائتي هٿيارن جي استعمال سڀ ڪجهه ٻوڙي ڇڏيو آهي. اقتدار مڪمل طور تي سياسي پارٽين کي ڇڏي ڏنو آهي ۽ جنرل عاصم منير جي رحم ڪرم تي آهي. اڄ جا حڪمران روز مزدوري ڪري رهيا آهن. بدقسمتيءَ سان پهريون آرمي چيف جنهن آمريڪا بدران چين سان سياسي لاڳاپا وڌائي فوج کي سياست کان پري رکڻ جو ارادو ڪيو. عمران خان جي انتقام . جهالت ۽ اقتدار جي لالچ ۾ قومي دشمني ملڪ کي ڪمزور ڪري ڇڏيو. جنرل صاحب. عاصم منير کي قومي مفاد ۾ ان ئي رستي تي هلڻو پيو جنهن تي سندس اڳوڻا هلندا رهيا.جنرل عاصم منير وٽ اليڪشن کان پاسو ڪرڻ ۽ ايندڙ ڪجهه سالن لاءِ قومي استحڪام کي يقيني بڻائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو به رستو ناهي. انگريزيءَ ۾ ان کي HOBSON'S CHOICEچئبو آهي. عمران خان کي موقعو ڏنو پيو وڃي ته هو پنهنجي بيشمار مقبوليت کي پنهنجي مستقبل ۽ سلامتي لاءِ استعمال ڪري. جڏهن ته غير ضروري اعتماد. اسٽيبلشمينٽ جو عمران خان جو خاتمو ٿيڻ جي ويجهو آهي. منهنجي خيال ۾ پٽي تصور نامڪمل آهن ۽ وطن عزيز لاءِ موتمار زهر ثابت ٿيندا.

بقايا 01

جي اميدوارن کي مبارڪون ڏنيون بلاول چيو ته عوام پيپلزپارٽي تي اعتماد جو اظهار ڪيو آهي. هاڻي اچو ته ايندڙ دور ۾ ڪاميابي حاصل ڪريون ۽ عوام جي خدمت ڪندي پنهنجي بهترين ڪارڪردگي سان اڳتي وڌون بلاول چيو ته حيدرآباد ۽ ڪراچي جي عوام جي خاص مهرباني جو پهريون ڀيرو اسان تي اعتماد ڪيو ب چيئرمين چيو ته مون کي پڪ آهي ته حيدرآباد جو ميئر ڪاشف شورو ۽ ڪراچي جو ميئر مرتضيٰ وهاب عوام جي خدمت کي يقيني بڻائيندا

بقايا 02

درخواست تي ٻڌڻي هلائي جسٽس اطهر من الله چيو ته هي پاليسي ميٽر آهي. هي معاملو عدالت جي اختيار ۾ نه آهي. منهنجو خيال آهي ته ترهان کي پهرين واڳيل فورم تي وڃڻ گهرجي. جسٽس عائشه ملڪ چيو ته هاڻي ته اداري جي نجڪاري ٿي چڪي آهي. ادارو ڪافي عرصي کان ڪم به ڪري رهيو آهي چيف جسٽس عمر عطا بنديال چيو ته نجڪاري کي 18 سال ٿي چڪا آهن. ڪيترين ئي اپيلائون ٿي چڪيون آهن. ترهان پنهنجي درخواست کي اپڊيٽ ڪري پهرين سنڌ هاءِ ڪورٽ وڃو ٻئي پاسي جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته ڪراچيءَ جو ميئر جماعت اسلامي جو ٿي ٿيندو. پيپلزپارٽي پنهنجي اڪثريت ثابت نه ڪري سگهندي جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي وڌيڪ چيو ته ڪراچي جو سڀ کان وڏو مسئلو بجلي آهي. لوڊشيڊنگ ۽ اوور بلنگ ٿي رهي آهيهن چيو ته ڪي اي ايس سي جي نجڪاري بابت اسان جي درخواست سپريم ڪورٽ ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي. ڪراچي ۾ 2015 جي هيٽ ويو دوران بجلي بند هئڻ سبب ڪيترائي شهري حياتيون وڃائي ويٺا هئا

بقايا 03

پڪڙين ۽ سياسي احتجاج کي دٻائڻ جو الزام ورغلائيندڙ آهي. نو مئي جي واقعن جي سمورن ذميوارن کي قانون پٽاندڙ سزا ملي رهي آهي سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ وزيراعظم شهباز شريف 9 مئي جي واقعن ڪانپوءِ انساني حقن جي پڪڙين جو تاثر رد ڪري چيو آهي ته پي ٽي آءِ 9 مئي تي جيڪو ڪيو اهو رياست تي حملو هو. دنيا جو ڪو به ملڪ قومي سلامتي تباهه ڪرڻ جي اجازت نه ٿو ڏئي سگهي.هن چيو ته وزيراعظم چيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين ڄاڻي واڻي عالمي ۽ مقامي طور ماڻهن کي وڏي مهارت سان ورغلائي رهيو آهي. 9 مئي واقعن کي انساني حقن جي لتاڙ ۽ سياسي احتجاج کي دٻائڻ طور پيش ڪرڻ تجزئي نگارن کي دوکو ڏيڻ آهي.سندس چوڻ هو ته انساني حقن جي پڪڙي روڪڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ٻئي وڃي، 9 مئي جي وڳوڙن ۾ ملوث جوابدارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. ڪنهن به ملڪ کي پنهنجي سلامتي تي اهڙو حملو برداشت نه هوندو. سيني کي يقين هجڻ گهرجي ته واقعي جي ذميوارن کي قانون پٽاندڙ سزا ملي رهي آهي شهبازشريف چيو ته پاڪستان پنهنجي آئيني ۽ انساني حقن بابت ذميوارين جو احترام ڪري ٿو ۽ انهن کي پورو ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 04

نڪتي. عرفان سمون جو موقف اچي ويو ايس ايس پي ڪنڊڪوٽ عرفان سمون چيو آهي ته ٻن ڏينهن جي موڪل تي هيس. چارج نه ڇڏي اٿم. هاڻي آفيس پيو وڃان ايس ايس پي شڪارپور امجد شيخ دعويٰ ڪئي هئي ته ايس ايس پي ڪنڊڪوٽ عرفان سمون عرفان سمون هفتي جي موڪل تي آهي. اضافي چارج مون وٽ آهي جڏهن ته سوشل ميڊيا تي به خبرون هلي رهيون هيون ته ايس ايس پي ڪاروڙ ۾ اچي چارج ڇڏي ويو آهي، جڏهن ته ايس ايس پي ڪنڊڪوٽ عرفان سمون سمورين خبرن کي رد ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 05

ميئر ڊاڪٽر ارشد شيخ هوندو گهوٽڪي ضلعي چيئرمين لاءِ بنگل خان مهر ۽ وائيس چيئرمين تي بابر خان لنڊ کي نامزد ڪيو ويو آهي. جڏهن ته گهوٽڪي ميونسپل تي چام آصف رضا چيئرمين ۽ سڪ ديو وائيس چيئرمين جا اميدوار هوندا جڏهن ته ميرپور ماٿيلو ميونسپل تي مير شعبان لنڊ کي چيئرمين نامزد ڪيو ويو آهي ڪشمور ضلعي لاءِ گل محمد جکراڻي چيئرمين ۽ الطاف ڪوسو وائيس چيئرمين نامزد ٿي ويا آهن. جڏهن ته ڪنڊڪوٽ ميونسپل لا شير محمد سهرياڻي کي چيئرمين نامزد ڪيو ويو آهي. جڏهن ته قمبر شهدادڪوٽ لاءِ قمر الدين گوپانگ ۽ وائيس چيئرمين غلام محمد اسراڻ جا نالا فائنل ڪيا ويا آهن نثار کهڙو موجب قمبر ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين شپ لاءِ نوابزاده ريحان چانڊيو ۽ وائيس چيئرمين لاءِ نور محمد بروهي کي نامزد ڪيو ويو آهي شڪارپور ضلعي ڪائونسل لاءِ ذوالفقار ڪماريون ۽ ڪامران مهر وائيس چيئرمين هوندا. جيڪب آباد لاءِ ضلعي تي طاهر ڪوسو ۽ وائيس تي رضوان اوڊو پيپلز پارٽي جا اميدوار هوندا جيڪب آباد ميونسپل جي چيئرمين شپ لاءِ غلام عباس جکراڻي ۽ وائيس چيئرمين شپ لاءِ آصف ابڙو جا نالا فائنل ڪيا ويا آهن لاڙڪاڻي ضلعي ڪائونسل لاءِ اعجاز احمد لغاري چيئرمين ۽ اسد الله پٽر وائيس چيئرمين لاءِ اميدوار هوندا. جڏهن ته خير پور ضلعي تي شيراز راجپر چيئرمين ۽ فهد علي شاهه جيلاني وائيس چيئرمين هوندا. نثار کهڙو ٻڌايو ته خيرپور ميونسپل ڪميٽي لاءِ ڊاڪٽر يار محمد قلبرٽو چيئرمين هوندو. جڏهن ته ضلعي ڪائونسل سکر لاءِ سيد ڪميل شاهه ۽ وائيس تي اختر علي مهر اميدوار هوندا

بقايا 06

وياسين. جمهوريت ۾ عوام پنهنجي راءِ ڏيندو آهي. اسان عدليا جا به سڄڻ آهيون.هن چيو ته رياستي ادارن تي حملا ڪيا ويا. جي ايڇ ڪيو تي حملو ٿيو فوجي ملڪيتن تي حملا ڪرڻ سان آرمي ايڪٽ حرڪت ۾ ايندو. آرمي ايڪٽ خلاف اپيل به ٿي سگهي ٿي، سندس چوڻ هو ته اختلاف راءِ باوجود اسان گڏيل فيصلن تي پهتا آهيون. چوندن جي معاملي تي به گڏيل فيصلو ڪنداسين. ملڪ جي مفاد ۾ ئي فيصلو ڪنداسين فضل الرحمان چيو ته اسان لاءِ سڀ کان وڏي پريشاني مهانگائي ٿي آهي. دوستن ذميواري کنئي آهي ته پوري ڪندا. معيشت جي تباهي جا ذميوار گذريل دور جا حڪمران آهن. انهن سان نه اڳ ۾ ڳالهيون ڪيون سين ۽ نه هاڻ ڪنداسين.

بقايا 07

سنڌ. چيف سيڪريٽري سنڌ ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر شريڪ ٿيا سنڌ ڪابينا سول اسپتال بدين کي ڊاڪٽر سڪندر منڊرو جي نالي سان منسوب ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي سنڌ ڪابينا سنڌ ورڪرز ويلفيئر فنڊ ايڪٽ ۾ ترميم جي منظوري ڏئي ڇڏي، جڏهن ته ڪابينا جناح اسپتال جون مختلف جايون اپگريڊ ڪرڻ جي منظوري پڻ ڏئيسنڌ ڪابينا سنڌ پروٽيڪشن اينڊ پروموشن آف برسٽ فيڊنگ اينڊ ينگ چائلڊ نيوٽريشن ايڪٽ 2023 جي منظوري ڏئي ڇڏيسنڌ ڪابينا اهل ڊاڪٽرز کي اسپيشلسٽ لڳائڻ جي به منظوري ڏئي ڇڏي، سنڌ ڪابينا صحت کاتي کي 60 ايمبولنسز خريد ڪرڻ جي به منظوري ڏئي ڇڏيڪابينا فيصلو ڪيو آهي ته 60 ايمبولنسز ۾ 30 موبائل ميڊيڪل وين ۽ 5 موبائل ليب هونديون. اهي ايمبولنسز ريسڪيو 1122 کي فراهم ڪيون وينديون

بقايا 08

صحت مرڪز نوابشاهه ۾ ٻارن کي حفاظتي ٽڪا لڳائڻ واري مهم جو افتتاح ڪيو.ان موقعي تي ڪمشنر محمد عباس بلوچ چيو ته سنڌ حڪومت ٻارن ماءِ ۽ ٻار کي مختلف بيمارين کان بچائڻ لاءِ حفاظتي ٽڪن جي 12 ڏينهن واري مهم اڄ کان باقائده شروع ڪئي وئي آهي جنهن جو مقصد ماءُ ۽ ٻار کي مختلف خطرناڪ بيمارين کان بچائڻ آهي انهي لاءِ والدين کي گهرجي ته هو صحت کاتي جي ٽيمن سان تعاون ڪندي پنهنجي ٻارن کي ارڙي، روبيلا سميت ٻين بيمارين کان بچائڻ لاءِ حفاظتي ٽڪا ضرور لڳرائين ڪمشنر صحت کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته هو ضلع ۾ مقرر ڪيل ٽارگيٽ کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجا سمورا وسيلا ڪتب آڻين ته جيئن ڪو به ٻار حفاظتي ٽڪن کان رهجي نه سگهي ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر دولت جمالي ڪمشنر کي آگاهي ڏيندي ٻڌايو ته ضلع شهيد بينظيرآباد ۾ اڄ 5 جون کان حفاظتي ٽڪن واري مهم شروع ڪئي وئي آهي جيڪا 17 جون تائين جاري رهندي هن وڌيڪ ٻڌايو ته مهم کي ڪامياب بنائڻ لاءِ سمورا گهربل انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن هن وڌيڪ ٻڌايو ته مهم دوران ضلع جي پيدائش کان وٺي 2 سال عمر تائين جي 24 هزار کان وڌيڪ ٻارن کي روٽين اميونائزيشن ۽ 2 سال کان 5 سال تائين عمر جي 61 هزار ٻارن کي ارڙي ۽ روبيلا کان بچاءَ جا ٽڪا لڳايا ويندا جڏهن ته 12 هزار 240 مائرن کي پڻ مختلف بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا لڳايا ويندا هنن وڌيڪ ٻڌايو ته ضلع جي 60 سال کان مٿي عمر وارن شهرين کي ڪرونا ويڪسين جو بوسٽر ڊوز پڻ لڳايو ويندو ان موقعي تي فوڪل پرسن اي پي آئي ڊاڪٽر الله بخش راڄپر، ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر رياض شاهه، ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر اسدالله ڏاهري سميت ٻيا عملدار پڻ موجود هئا.

بقايا 09

6 مهينن کان 1 سال تائين ملتوي ٿي سگهن ٿيون. اڳ ۾ احتساب لاءِ وقت گهربو ويندو پوءِ ملڪ ۾ جنرل اليڪشن ڪرايون وينديون. منظور وسان جو پنهنجي بيان ۾ وڌيڪ چوڻ هو ته عمران خان به اڳ ۾ احتساب پوءِ اليڪشن جو حامي هو هاڻي ائين ٿي ٿيندو. عمران خان بند گهٽي ۾ ڦاسي چڪو آهي ۽ ان جي خاتمي جا ڏينهن ويجهو اچي ويا آهن. زراعت بابت صلاحڪار جو چوڻ هو ته پرويز الاهي تي ڪيسز ناهي ڪري ان کي خوامخواهه اهميت ڏني پئي وڃي. ان کي اهميت نه ڏيڻ گهرجي. ٿي سگهي ٿو ته پرويز الاهي کي پي ٽي آئي جو سربراهه بڻايو وڃي. عمران خان سان گڏ هاڻي 5 کان 10 سيڪڙو به ماڻهو نه رهندا. منظور وسان جو چوڻ هو ته جهڙي طرح عمران خان کي رات جي اونڌيرن ۾ آندو ويو هو انهيءَ طرح ان کي واپس ڪيو پيو وڃي. پي ٽي آئي جا ڪجهه اڳواڻ جيل ويندا ۽ ڪجهه لڪي ڪري ويهي رهندا. پي ٽي آئي ۾ اهڙا ماڻهو به هوندا جيڪي سپورٽر عمران خان جا پر ماڻهو ڪنهن ٻئي جا هوندا.

بقايا 10

يونٽ 3 هزار اهلڪارن تي ٻڌل هوندو. جنهن جا ڪراچي ۾ ٻه هزار ۽ سکر، حيدرآباد ۾ 500 اهلڪار مقرر هوندا.اينٽي رائٽ فورس جي ڪمانڊ 19هين گريڊ جو ايس ايس پي ڪندو. اهلڪارن جي تربيت عالمي تربيت يافته ٽرينرن کان ڪرائي ويندي. جڏهن ته 3 هزار اهلڪارن لاءِ اينٽي رائٽ ڪٽس به خريد ڪيون ويون آهن.

بقايا 11

۽ آباد ٿاڻي جي ايس ايڇ اوز کي معطل ڪيو ويو آهي.ايس ايڇ او اي سيڪشن غلام نبي بجاراڻي معطل ڪري محمد پناهه بروهي کي نئون ايس ايڇ او مقرر ڪيو ويو آهي.جيڪب آباد جي آباد ٿاڻي جي چارج ايس ايڇ او صدر اختر ابڙو حوالي ڪئي وئي آهي. ٻئي پاسي ايس ايس پي صدام لاشاري جي گهرڀاتين سان ملاقات لاءِ پهتو جتي وارث عورتون ٻاران ايس ايس پي آڏو دانهن واري وڊيو وائرل ٿي وئي آهي.

بقايا 12

جي پيئرن جاچ ٽيم تي بي اعتمادي ظاهر ڪري ڇڏي آهي. قتل جي عدالتي جاچ ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي ايس ايس پي جيڪب آباد ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو تي ٻڌل جي آءِ ٽي ٿل پهچي وارثن جا بيان قلمبند ڪيا. صدام لاشاري جي پيئرن ٻنهي ايس ايس پيز کي قرآن پاڪ ڏيندي شفاف جاچ ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ٽائيمز نيوز سان ڳالهائيندي صدام لاشاري جي پيئرن چيو ته پوليس جي جاچ ٽيم پنهنجي پٽي پائڻ جو تحفظ ڪندي. چيف جسٽس عدالتي جاچ ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ان موقعي تي جاچ ٽيم چيو ته جاچ ۾ ڪنهن سان به رعايت نه ڪئي ويندي. ڪوشش هوندي ته وارثن کي انصاف ملي سگهي صدام لاشاري جي گرفتاري وقت موجود دوست مشتاق ڪوسو جاچ ٽيم کي ٻڌايو ته ايس ايڇ او جي اڳواڻي ۾ پوليس ڪيس زوري کڻي وئي هئي.

بقايا 13

پناهه ڪردار ادا ڪيو آهي. اقليتي برادري اسان جي معاشري جو لازمي حصو آهي ۽ تعليم ۽ صحت جي شعبن ۾ ان جو بي مثال ڪردار رهيو آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن گلشن سجاد حيدرآباد ۾ ستاتن ڌرم ست سنگ هال جي توسيع مرمت ۽ بحالي جي تعميراتي ڪمن جي افتتاح جي موقعي تي ڪيو ان موقعي تي انجنيئر منوبر لعل، ڊاڪٽر برديپ ڪمار، پيرومل، ڪمليشور، انجنيئر پنجو مل روهرا، انجنيئر ڌرم ٻجاج، ڪهيم چند پنجواڻي ۽ مقامي ماڻهن جي وڏي تعداد پڻ موجود هئي ان کان اڳ صوبائي وزير کي مڪمل ٿيل اسڪيم ۽ ان جي مڪمل ٿيڻ جي مدت جي باري ۾ تفصيل سان آگاهه ڪيو ويو ان موقعي تي ڳالهه ٻولهه ڪندي صوبائي وزير اقليتي معاملن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن تي عمل ڪرڻ لاءِ سخت محنت ڪري رهيو آهي ۽ اقليتن لاءِ سوين پلاٽي ۽ ترقياتي اسڪيمون شروع ڪيون آهن. صوبائي وزير چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي اقليتي ۽ پٺتي تي پيل طبقن کي پارليمينٽ ۽ مڪاني ادارن ۾ نمائندگي ڏيڻ جون مثاليون قائم ڪيون آهن هن چيو ته جيستائين اقليتي جي نمائندگي جو تعلق آهي پاڪستان پيپلز پارٽي ان کي قومي وهڪري ۾ آندو آهي. ان کان اڳ هندو برادري سان واسطو رکندڙ معززين صوبائي وزير کي سنڌ جو روايتي اجرڪ پارايو ان موقعي تي اتان جي هندو برادري جي اسڪيم جي افتتاح تي سنڌ حڪومت ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جو شڪريه ادا ڪيو جڏهن ته آخر ۾ ملڪي سلامتي، خوشحالي، ترقي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري، بلاول ڀٽو زرداري ۽ فريال ٽالپر جي صحت ۽ وڏي عمر جي لاءِ خاص دعائون پڻ گهريون.

بقايا 14

صحيحون ڪيون ويون. ٻرڏيهي کاتي موجب ٻنهي ملڪن ثقافتي سهڪار کي وڌائڻ لاءِ مفاهمت جي يادداشت تي صحيحون ڪيون. ان ڪانسواءِ سفارتي ۽ سرڪاري پاسپورٽ تي ويزا جي خاتمي لاءِ به مفاهمت جي يادداشت تي صحيحون ڪيون ويون.ان کان اڳ عراقي ٻرڏيهي وزير ڊاڪٽر فواد حسين سان ملاقات دوران ٻرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پاڪستان ۽ عراق وچ ۾ گهرا دوستاڻا ۽ ڀائراڻا لاڳاپا آهن وفدن جي سطح تي ڳالهه ٻولهه دوران ٻنهي ٻرڏيهي وزيرن سهڪار جي مختلف شعبن ۾ ٻه طرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي اتفاق ڪيو

بقايا 15

ٿيا ۽ ملازمن تي تشدد ڪري انهن کان فرمائشي بيان ورتا. پوليس اهلڪار گاڏيون، گهڙيون ۽ روڪ رقم کڻي ويا.هن چيو ته سڄو ملڪ 9 مئي جي واقعن تي لعنت ڪري رهيو آهي. مان به مذمت ڪيان ٿو. ملوث ماڻهن کي سزا ڏني وڃي پر بي ڏوهن کي آزاد ڪيو وڃي

بقايا 16

نه ٿيڻ خلاف جي ڊبليو سي جي سڏ تي ٿل جي سياسي و سماجي،مختلف تنظيمن،شهرين ۽ سول سوسائٽي جا ماڻهو وڏي انگ ۾ ميونسپل ڪاميٽي ٿل ۾ گڏ ٿي . سياسي سماجي اڳواڻن جي اڳواڻي ۾ هڪ وڏي ريلي ڪڍي وئي، پوليس انتظاميه خلاف نعريبازي ڪري رهبرچوڪ تي پهچي ڌرڻو هنيو .ڌرڻي کي خطاب ڪندي (جي ڊبليو سي) جي مرڪزي صدر ذوالفقار علي خاصخيلي،نائب صدر اظهر گل سرڪي، شوڪت علي نوناري، سرمد ڪنراڻي، (ايس ٽي پي) اڳواڻ سروان لاشاري، قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي نائب صدر ايڊووڪيٽ روشن ڪنراڻي،جسقم اڳواڻ وسيم قريشي، جسم اڳواڻ بشير سرڪي،پ ت الف ضلع صدر عبدالجبار ڪرسو،ٿل جو صدر محبوب علي نوناري جماعت اسلامي اڳواڻ امداد الله بجاراڻي،لاشاري برادري جي سردار جلال الدين لاشاري،تنظيم جو اڳواڻ نياز لاشاري،لطف الله لاشاري، ادبي سنگت جي استاد عبدالرزاق بروهي،جاويد ساغر بروهي، سهيل دايو،غلام فريد سومرو،پاڪستان انقلابي پارٽي اڳواڻ نظير بلوچ،ڪميونسٽ پارٽي اڳواڻ بشير بنگلاڻي،جي يو آئي اڳواڻ ميرحسن برڙو ۽ ٻين چيو ته شهيد صدام حسين لاشاري کي ٿل پوليس گرفتار ڪري وارثن کان صدام جي آزادي لاءِ ايس ايڇ او ٿل غلام نبي بجاراڻي ٻاران 10 لک روپيا ڀتنگ گهريو نه ڏيڻ جي صورت ۾ ٿي ڏينهن بعد صدام کي لاڪ اپ مان ڪڍي جيڪب آباد جي آباد ٿاڻي جي حد ۾ پوليس ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي چار گوليون هڻي بيدردي سان قتل ڪري لاش پيرسن والد مغل لاشاري جي حوالي ڪيو آهي.هن چيو ته صدام کي قتل ڪرڻ کان بعد پوليس 13 ڪيس ظاهر ڪيا ويا آهن.انهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته پوليس نوجوان جو لوڙهڻ لاءِ ڊراما ناهي پئي. پوليس بيان جاري ڪيو ته صدام لاشاري کي ٻنهجي سائين جي فائرنگ ۾ قتل ٿيو آهي.پوليس پهريان صدام تي 5 ڪيس ظاهر ڪيا هئا.جڏهن ته ٿل سميت سنڌ سراپا احتجاج ٿي ويا ته پوليس ٻن ڏينهن کان بعد وري صدام لاشاري مٿان13 ڪيس ظاهر ڪيا ويا آهن

بقايا 17

هجي، انهن کي عبرتناڪ سزا ملڻ گهرجي. اسان جي فوج دنيا جي عظيم فوج آهي.هن چيو ته مون کي پنهنجي فوج تي سدائين فخر رهيو آهي. شهيدن جي يادگارن جي بي حرمتي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين. 9 مئي واقعن ۾ جيڪي به ملوث آهن. انهن کي واڪو ڪرڻ ضروري آهي. سندس چوڻ هو ته مان تحريڪ انصاف ڇڏڻ جو ڪڏهن سوچيو به نه هو. پارٽي چيئرمين سدائين ننڍن ڀائرن جيان عزت ڏني. سندس ٿورا مڃان ٿو. ڪراچي ۾ تحريڪ انصاف جي ليڊرشپ وڏي عزت ۽ پيار ڏنو بنا ڪنهن دٻاءَ جي پارٽي ڇڏڻ جو اعلان ڪيان.

بقايا 18

واري وزير اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ اقتصادي رابطا ڪميٽي جي اجلاس ۾ نيو گوادر بين الاقوامي ايئرپورٽ منصوبي لاءِ 83 ڪروڙ 91 لک رپين جي به منظوري ڏني وئي.اجلاس ۾ 49 دوائن جي وڌ کان وڌ ريٽيل قيمت مقرر ڪرڻ جي منظوري به ڏني وئي، ان ڪانسواءِ اسٽيبلشمينٽ ڊويزن لاءِ 12 ڪروڙ 14 لک رپين جي گرانٽ منظور ڪئي وئي.

بقايا 19

۽ قدمن تي چٽي تنقيد ڪندو رهندو آهي.راهول گانڌي اڄڪلهه آمريڪا جي دوري تي آهي هن مشن هتن ۾ پارٽي ۽ سمنڊ پار ڪانگريس يو ايس اي جي پروگرام ۾ خطاب ڪندي چيو ته جديد ڀارت آئين ۽ اسان جي جمهوريت ڪانسواءِ قائم نٿو رهي سگهي.هن چيو ته جمهوريت ۽ ملڪي آئين جي تحفظ لاءِ آمريڪا ۾ رهندڙ ڀارتين کي آواز اٿارڻو پوندو تقرير دوران راهول گانڌي چين جي اثر رسوخ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڀارت ۽ آمريڪا جي وچ ۾ مضبوط ڀائيواري تي زور ڏيندي چيو ته هن وقت اسان کي جن شين بابت سوچڻو آهي اسان چين جي چئلينج جو مقابلو ڪيئن ڪنداسين؟

بقايا 20

جي سامونڊي پٽي ۽ عمان ۽ گجرات کي امڪاني خطرو آهي.جواد ميمڻ موجب سائيڪلون جو نالو بنگلاديش جي تجويز ڪيل لفظ "ٻائي پرجواءِ" رکيو ويندو جنهن جو مطلب تباهي آهي.

بقايا 21

مالي سال لاءِ جاري رکيو ويندو. 500 ارب رپين جا ٽيڪس ان سان لڳندا. جڏهن ته 200 اربن جا نوان ٽيڪس لڳايا ويندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته مجموعي طور تي ايندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ 700 کان 750 ارب رپين تائين جا نوان ٽيڪس لڳندا. ذريعن موجب درآمدي لگزري آئٽمز تي 25سيڪڙو سيلز ٽيڪس لاڳو ڪيو ويندو. 100 ڊالر کان وڌيڪ جي موبائلن تي سيلز ٽيڪس وڌائڻ جي تجويز آهي.ذريعن جو چوڻ آهي ته عورتن جي درآمدي ميڪ اپ، بيگز، جوتن ۽ جيولري تي به سيلز ٽيڪس 25 سيڪڙو لاڳو هوندو. مردن لاءِ درآمدي ڪپڙن ۽ جوتن سميت درآمدي شين تي 25 سيڪڙو سيلز ٽيڪس لاڳو هوندو. ذريعن موجب کاڌي پيتي جي شين چاڪليٽ ۽ درآمدي ٽافين تي به 25 سيڪڙو سيلز ٽيڪس لڳائڻ جو امڪان آهي. درآمدي فانوس، لائيٽس، ايل اي ڊيز سميت اليڪٽرانڪس سامان تي به 25 سيڪڙو سيلز ٽيڪس لاڳو ڪرڻ جون تجويزون ڏنيون ويون آهن

بقايا 22

۾ سرپل جي ضلعي سنچارڪ ۾ پيش آيو جتي شاگرديائين جي حالت خراب ٿيڻ تي کين فوري طور اسپتال نيو ويو .مقامي پوليس ترجمان واقعي بابت تفصيل ٻڌائيندي چيو ته سنچارڪ ضلعي ۾ ڪجهه اڻڄاتل ماڻهن ڇوڪرين جي اسڪول ۾ داخل ٿيا ۽ ڪلاسن ۾ زهريلو اسپري ڪري فرار ٿي ويا. شاگرديائيون جيئن ئي ڪلاس ۾ داخل ٿيون ته زهريلي مواد جي اثرن سبب سندن طبعيت بگڙجي وئي،پوليس ترجمان موجب. واقعي جي وڌيڪ وضاحت ڏيڻ کان پاسو ڪيو ته هي ڪهڙي قسم جو زهر هو ۽ ان جي پٺيان ڪنهن جو هٿ آهي پوليس ترجمان موجب، شاگرديائين کي اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو آهي، جن جي حالت هاڻ خطري کان ٻاهر ٻڌائي پئي وڃي. ٻئي پاسي ان معاملي تي فوري طور ڪا به گرفتاري عمل ۾ ناهي آئي.

بقايا 23

پنهنجي هڪ بيان ۾ قائم علي شاهه چيو ته اسان جي پهرين حڪومت ختم ٿي ته ماڻهن چيو ته پارٽي ختم ٿي وئي پر ايئن نه ٿيو محترمه جي شهادت تي نوجوان ڪارڙ ۾ هئا ملڪ کي خطرو هو پر پاڪستان جو نعرو لڳايو پي ٽي آئي تي پابندي جي حوالي سان قائم علي شاهه چيو ته بنا ثبوتن جي ڪنهن پارٽي تي پابندي لڳائي وڃي ته اسان مخالفت ڪنداسين اڳوڻي وڏي وزير پي ٽي آئي حڪومت تي تنقيد ڪندي چيو ته نوڪري ۽ گهر جا واعدا ڇو پورا نه ڪيا ويا.

بقايا 24

تي ڊالر جو قدر 15 پئسا وڌڻ سان 286 رپيا 19 پئسا آهي.هوڏانهن اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 8 رپيا مهانگو ٿيو آهي. اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جو قدر 308 رپيا آهي.

بقايا 25

وٺي. ريلي ڪانپوءِ ڪارڪنن پليجي صاحب جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي ڪيس سلامي ڏني. ان موقعي تي خطاب ڪندي سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر سپاني ڏاهري چيو ته محترم رسول بخش پليجي صاحب هميشه پراڻين ۽ فرسوده روايتن کي ٽوڙي نيون روايتون قائم ڪيون. سنڌياڻي تحريڪ جي ڪارڪنن پليجي صاحب جي ميت جي ڪلهي ڪانڌي ٿي ملڪ بلڪ ايشيا ۾ هڪ نئين روايت قائم ڪئي. جيتوڻيڪ پليجو صاحب هن وقت جسماني طور اسان کان جدا ٿي ويو آهي پر هن جو فڪر ۽ فلسفو هن جي ڊسيل صحيح قومي ٻڌي واري صحيح وات اسان وٽ موجود آهي. پليجي صاحب جا ڪتاب ۽ تقريرون اڄ به عوام جي سياسي شعور وڌائڻ لاءِ ڪارائتيون آهن. فڪر رسول بخش پليجو جي وات پاڪستان سميت ٽين دنيا جي ملڪن جي عوام لاءِ راهه نجات آهي. هن چيو ته جنهن سماج ۾ عورتن کي جانورن کان بدتر زندگي گذارڻ تي مجبور ڪيو ويو هجي، اهڙي سماج ۾ سنڌياڻي تحريڪ جهڙي پورهيت طبقي جي عورتن جي انقلابي تنظيم ناهڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ ناهي. هي هڪ انقلاب آهي. سنڌياڻي تحريڪ جي ڪارڪنن طرفان موٽر سائيڪل ريلي ڪڍڻ هڪ غيرمعمولي قدم آهي. اسان کي فڪر رسول بخش پليجي حوصلو بخشيو آهي. همت ۽ جرئت ڏني آهي جنهن ڪري اسين اڄ هي ايڏو وڏو غير معمولي ڪم ڪري سگهيا آهيون. رسول بخش پليجي صاحب کي اسين سرخ سلام ٿا پيش ڪريون جنهن سنڌ ۾ ثقافتي، معاشي ۽ سياسي انقلابن جا بنياد وڌا.

بقايا 26

طبعيت خراب ٿيڻ تي ڪيس فيصل آباد انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيالوجي نيو ويو. ذريعن جو چوڻ آهي ته راڻا ثناءَ الله کي بخار ۽ بلڊ پريشر گهٽ ٿيڻ جي شڪايت هئي. طبعيت بهتر ٿيڻ بعد کيس اسپتال مان ڊسچارج ڪيو ويو آهي.

بقايا 27

جنرل نادرا جو چوڻ آهي ته ڪراچي ۾ 6 سالن کان پوءِ ٺهندڙ ميگا سينٽر ايندڙ ٻن کان اڍائي مهينن ۾ مڪمل ٿي ويندو ڊي جي جو چوڻ آهي ته يونيورسٽي روڊ تي تيار ٿيل ميگا سينٽر لاءِ جڳهه 5 مهينا اڳ ورتي وئي هئي 4 ڀيرا جاري ٽينڊر ۾ ڪنهن دلچسپي نه ورتي هئي جولين ٽينڊر ۾ ڪوٽيشنز اچي ويون آهي ان چيو ته سيپٽمبر ۾ شهر ۾ 6 سالن کان پوءِ 3 ميگا سينٽر کوليو ويندو ڊي جي جو چوڻ هو ته حيدرآباد جي شهرين لاءِ به ميگا سينٽر جو ڪم آخري مرحلن ۾ آهي جولاءِ مهيني ۾ حيدرآباد لطيف آباد ۾ ميگا سينٽر کوليو ويندو.هن چيو ته سنڌ ۾ به نادرا سينٽر ۾ پاسپورٽ لاءِ ڪائونٽر کوليا پيا وڃن ڪراچي، مليرا ۽ عمرڪوٽ ۾ نادرا سينٽرز ۾ پاسپورٽ ڪائونٽر ناهيا ويا آهن. اکين جي ذريعي سڃاڻپ جو نظام هاڻي ڊي ايڇ اي ميگا نادرا آفيس ۾ لڳايو ويو آهي

بقايا 28

فورم، صحافين ٻاران مڪلي بائي پاس وٽ مين نيشنل هاءِ وي تي پاڻي، گئس ۽ بجلي جي ڪٽ خلاف ڌرڻو هڻي ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي سبب ڪراچي، حيدرآباد، ٺٽو، محمد خان، سجاول ۽ بدين ڏانهن ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي آهي. جنهن جي ڪري روڊ جي ٻنهي پاسن کان هزارين گاڏين جون قطارون لڳي ويون هيون. پاڻي جي ڪٽ ۽ بجلي ۽ گئس جي لوڊشيڊنگ خلاف جاري احتجاجي تحريڪ ۾ چونڊيل نمائندن ۽ ضلعي انتظاميا ٻاران ڪارروائي نه ڪرڻ خلاف ٺٽي کان مڪلي تائين احتجاجي ريلي ۽ شٽر بند هڙتال ڪئي وئي ۽ مطالبن جي مڃتا لاءِ قومي شاهراهه تي ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي، پي ٽي آءِ، جماعت اسلامي، جميعت علماءِ اسلام ف، پيپلز پارٽي، عوامي تحريڪ، قومي عوامي تحريڪ، وڪيل برادري، ڊاڪٽرز فورم ۽ شهرين ۽ واپاري تنظيمن جي اڳواڻن سميت ٻارڙن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ سيد جلال شاهه، اقبال جاکرو، محبوب بروهي، رضوان شاهه، منور پتو، شبير شاهه، شهروز چانگ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته گذريل ڪيترو ئي عرصي کان ٺٽي ضلعي ۾ پاڻي جو بحران آهي. پاڻي نه هجڻ ڪري هزارين ايڪڙن تي بيٺل تيار فصل ۽ سارين جو ٻيجارو سوڪهڙي جو شڪار بڻجي ويا آهن. هاڻي ته جوپائي مال سميت، آب جيوت ۽ انساني آبادي جي پيئڻ جيترو پاڻي به ميسر ناهي، خريف جي پوکي پڻ متاثر ٿي رهي آهي. هنن چيو ته ڪينجهر ڍنڍ مان ڪراچي شهر لاءِ 4 واهه ڪڍيا ويا آهن

بقايا 29

جي سياسي مرڪز لاهور ۾ وڏي جلسي جو ارادو رکي ٿي، پارٽي جو ضلعي صدر اسلم گل شهر جي مختلف علائقن جو دورو ڪري رهيو آهي.ب ب اڳواڻ جو چوڻ آهي ته جلسي جي تاريخ جو اعلان جلد ڪيو ويندو ٻئي طرف اڳوڻي صدر آصف علي زرداري جي لاهور ۾ سياست جو سلسلو جاري آهي ۽ پارٽي ۾ وڌيڪ سياسي اڳواڻن جي آمد جو سلسلو بند ناهي ٿيو

بقايا 30

جي قيام لاءِ ٽيون مرحلو هو ان کان اڳ ميلبورن ۽ برسبين ۾ ريفرنڊم ٿي چڪو آهي، آسٽريلوي حڪومت طرفان پراسن ريفرنڊم واري جمهوري عمل کي روڪرائڻ کان معذرت ڪئي وئي هئي واضح رهي ته ان کان اڳ آسٽريليا کان سواءِ برطانيا، جنيوا ۽ ڪئناڊا ۾ به ريفرنڊ ٿي چڪا آهن.

بقايا 31

صحت مرڪز نوابشاهه ۾ ٻارن کي حفاظتي ٽڪا لڳائڻ واري مهم جو افتتاح ڪيو.ان موقعي تي ڪمشنر محمد عباس بلوچ چيو ته سنڌ حڪومت ٻارن ماءِ ۽ ٻار کي مختلف بيمارين کان بچائڻ لاءِ حفاظتي ٽڪن جي 12 ڏينهن واري مهم اڄ کان باقائده شروع ڪئي وئي آهي جنهن جو مقصد ماءُ ۽ ٻار کي مختلف خطرناڪ بيمارين کان بچائڻ آهي انهي لاءِ والدين کي گهرجي ته هو صحت کاتي جي ٽيمن سان تعاون ڪندي پنهنجي ٻارن کي ارڙي، روبيلا سميت ٻين بيمارين کان بچائڻ لاءِ حفاظتي ٽڪا ضرور لڳرائين ڪمشنر صحت کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته هو ضلع ۾ مقرر ڪيل ٽارگيٽ کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجا سمورا وسيلا ڪتب آڻين ته جيئن ڪو به ٻار حفاظتي ٽڪن کان رهجي نه سگهي ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر دولت جمالي ڪمشنر کي آگاهي ڏيندي ٻڌايو ته ضلع شهيد بينظيرآباد ۾ اڄ 5 جون کان حفاظتي ٽڪن واري مهم شروع ڪئي وئي آهي جيڪا 17 جون تائين جاري رهندي هن وڌيڪ ٻڌايو ته مهم کي ڪامياب بنائڻ لاءِ سمورا گهربل انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن هن وڌيڪ ٻڌايو ته مهم دوران ضلع جي پيدائش کان وٺي 2 سال عمر تائين جي 24 هزار کان وڌيڪ ٻارن کي روٽين اميونائزيشن ۽ 2 سال کان 5 سال تائين عمر جي 61 هزار ٻارن کي ارڙي ۽ روبيلا کان بچاءَ جا ٽڪا لڳايا ويندا جڏهن ته 12 هزار 240 مائرن کي پڻ مختلف بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا لڳايا ويندا هنن وڌيڪ ٻڌايو ته ضلع جي 60 سال کان مٿي عمر وارن شهرين کي ڪرونا ويڪسين جو بوسٽر ڊوز پڻ لڳايو ويندو ان موقعي تي فوڪل پرسن اي پي آئي ڊاڪٽر الله بخش راڄپر، ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر رياض شاهه، ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر اسدالله ڏاهري سميت ٻيا عملدار پڻ موجود هئا.

بقايا 32

۾ پاڪستان تي زور ڀريو ويو آهي ته عالمي معيارن ۽ انساني حقن جي قانونن موجب هو بنا دير پاليسي واضح ڪري ان تي عمل ڪرائي، رپورٽ موجب ايمنسٽي انٽرنيشنل 45 اهڙن ماڻهن جا انٽرويو ڪيا جيڪي گرميءَ جي وڌيڪ خطري ۾ آهن، جن ۾ زرعي مزدور، هاري، ڀٽن تي مزدوري ڪندڙ، ڪارخانن ۾ اس ۾ ڪم ڪندڙن، ڊليوري بوائز، پوليس آفيسر ۽ صفائي ستراڻي جي عملي سميت مختلف شعبن جا ماڻهو شامل آهن. تفصيلي رپورٽ پڙهڻ لاءِ ڪلڪ ڪريو

بقايا 33

وزير بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي ٽوئيٽ ۾ چيو آهي ته پاڪستان ۽ عراق لاڳاپن کي نئين بلندين تي وٺي وڃڻ ۽ پاڻي، زراعت، دفاعي تعاون ۽ گڏيل واپار سميت مختلف شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ جو عزم ڪيو ويو آهي. عراقي وزيراعظم محمد شياع السوداني سان ملاقات جي موقعي تي ٻه طرفي واپار وڌائڻ، گڏيل وزارتي ڪميشن جوڙڻ، عراقي انفراسٽرڪچر جي نئين سر تعمير، رابطا وڌائڻ، زائرين ۽ ڪاروباري رابطن سميت مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. بلاول ڀٽو زرداري جي عراق جي دوري جي موقعي تي ٻنهي ملڪن طرفان ثقافتي تعاون کي هٿي وٺرائڻ، سرڪاري ۽ سفارتي پاسپورٽ تي ويزا ختم ڪرڻ جي معاهدن تي صحيحون پڻ ڪيون ويون. عراق جي ٻرڏيهي وزير ڊاڪٽر فواد حسين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ ٻرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو ته برادر ملڪ عراق جو دورو ڪرڻ منهنجي لاءِ وڏي خوشي جي ڳالهه آهي ۽ عراق جي دوري جي دعوت ڏيڻ تي مان ڊاڪٽر فواد حسين جو خاص شڪريو ادا ڪريان ٿو.هن چيو ته منهنجي ماءُ بينظير ڀٽو شهيد عراق جو تمام گهڻو احترام ڪيو ۽ سندس دوري جون تمام پياريون يادون آهن. مان هتي پنهنجي برادرانه لاڳاپن کي هٿي وٺرائڻ ۽ انهن جي گڏيل احترام، مفادن ۽ ادارن جي رابطن کي ڳنڍڻ جي خواهش سان آيو آهيان. هن چيو ته مان پنهنجي ٻطرفي لاڳاپن کي گڏيل فائديمند معاشي لاڳاپن ۾ تبديل ڪرڻ جي خواهش کي ورجائڻ چاهيان ٿو مان پنهنجي دوري دوران، عراقي قيادت ۽ نجي شعبي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪنداسين. اسان ٻه طرفي معاهدن تي صحيحون ڪنداسين. مختلف شعبن ۾ تعاون کي مضبوط ڪرڻ تي ڌيان ڏنو ويندو. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پاڪستان وانگر عراقي قوم به مثالي لچڪ، استقامت ۽ عزم جو مظاهرو ڪندي دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۽ ان ناسور کي شڪست ڏني آهي. ان فتح کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻنهي قومن وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. جن جو ثمر خطي ۽ ان کان ٻاهر جا ماڻهو حاصل ڪري رهيا آهن. هن چيو ته ٻئي ملڪ گهڻ طرفي فورمن تي هميشه هڪ ٻئي سان گڏ بيٺل رهيا آهن. امن، استحڪام ۽ سلامتي جي اسان جي گڏيل مقصدن ۾ حصو وٺندي اسان جو دفاعي تعاون بهتر نموني ترقي ڪري رهيو آهي. هاڻي پيهر تعمير ڪرڻ جي اڳ کان وڌيڪ مضبوط ٿيڻ ۽ پنهنجي ملڪن کي ترقي يافته قومي رياستن ۾ تبديل ڪرڻ جو وقت آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته نجف ۾ پاڪستاني قونصليٽ کولڻ جي ٻنهي ملڪن وچ ۾ اتفاق تي خوشي ٿي آهي، اسان زائرين جي حوالي سان ايم او يو تي ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي. بلاول ڀٽو زرداري ڪربلا ۾ پاڪستاني زائرين لاءِ سينٽر جو اعلان ڪندي چيو ته هي سينٽر پاڪستاني زائرين کي سهولت فراهم ڪندو. ٻرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري وڌيڪ چيو ته مون کي اميد آهي ته منهنجو دورو عوامي سطح تي رابطن کي وڌيڪ هٿي وٺرائيندو، خاص ڪري خانگي شعبي، ميڊيا، اڪيڊمي ۽ محققن جي وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ هٿي وٺرائڻ ۽ پائيدار ترقي جي مفاد ۾ تعاون جي راهه هموار ڪندو. هن چيو ته عراق ۾ مقدس مزارون منهنجي قوم لاءِ تمام مقدس آهن. اسان کي اميد آهي ته وڌ کان وڌ پاڪستانين کي انهن هنڌن تي گهمڻ جو موقعو ملندو. مون کي اميد آهي ته منهنجو دورو اسان جي گڏيل امير ورثي تي لاڳاپيل هوندو ۽ اسان جي برادرانه لاڳاپن کي وسيع ۽ وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جو حوصلو فراهم ڪندو. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اسان عراق جا ويجها دوست هئاسين ۽ هميشه رهنداسين. اسان عراق جي امن، خوشحالي، ترقي ۽ ترقي حاصل ڪرڻ ۾ پنهنجو حصيدار سمجهون ٿا.

بقايا 34

ڪجهه ماڻهو جتي ان کي ساراهي رهيا آهن ته ڪجهه ماڻهو تنقيد ڪري رهيا آهن ته اها پشتون روايتن جي خلاف ورزي آهي. هڪ موقعي تي جنرل باجوا چوي ٿو ته سان اهو جنرل ناهيان جيڪو تون سمجهين ٿو. هو پوليس گهرائڻ جي ڌمڪي به ڏي ٿو پر افغان شهري کيس چوي ٿو ته گهرايو پوليس کي ۾ بيٺو آهيان. هڪ موقعي تي افغاني چوي ٿو ته پنهنجي ٻويان پوليس نه هجي ها ته هتي اهڙو ڪتڪو ڏيان ها جو ياد رکي ها. ڪجهه ماڻهو جنرل باجوا جي برداشت واري جذبي جي تعريف به ڪري رهيا آهن.

بقايا 35

۽ قدمن تي چٽي تنقيد ڪندو رهندو آهي.راهول گانڌي اڄڪلهه آمريڪا جي دوري تي آهي هن مشن هتن ۾ پارٽي ۽ سمنڊ پار ڪانگريس يو ايس اي جي پروگرام ۾ خطاب ڪندي چيو ته جديد ڀارت آئين ۽ اسان جي جمهوريت ڪانسواءِ قائم نٿو رهي سگهي.هن چيو ته جمهوريت ۽ ملڪي آئين جي تحفظ لاءِ آمريڪا ۾ رهندڙ ڀارتين کي آواز اٿارڻو پوندو تقرير دوران راهول گانڌي چين جي اثر رسوخ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڀارت ۽ آمريڪا جي وچ ۾ مضبوط ڀائيواري تي زور ڏيندي چيو ته هن وقت اسان کي جن شين بابت سوچڻو آهي اسان چين جي چئلينج جو مقابلو ڪيئن ڪنداسين؟

بقايا سنڌيار 01

آريسر جي مرڪزي اڳواڻ اسلم خيرپوري چيو مثل حيدري سان شهنجي ملاقات عبدالواحد آريسر صاحب جي ذريعي ٿي. هو ڪمال جو انسان هو، هو سماج جي هر برائي خلاف هو، هن چيو سنڌ جي زمينن جي ڦرلٽ ڪئي پئي وڃي، سنڌ جي مسئلن جو حل سائين جي ايم سيد جي فڪر سان سلهاڙيل آهي. جسقم آريسر جي مرڪزي اڳواڻ سرمد ميراڻي خطاب ڪندي چيو ته سائين مثل حيدري جهڙا شناس هو. هن چيو ته سائين مثل حيدري سون کي پڙهايو هو، هو شهنجو استاد هو. سائين مثل حيدري اصول پسند هو. هن چيو ته سائين مثل حيدري آريسر صاحب سان گڏجي سائين جي ايم سيد جو فڪر سنڌ جي جهر جهنگ پهچايو. جسقم اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي خطاب ڪندي چيو ته مثل حيدري جو لاڳاپو سائين جي ايم سيد ۽ سنڌ سان هو. هن چيو ته مثل حيدري جي اندر سائين جي ايم سيد جو فڪر سمايل هو. هن چيو ته سائين مثل حيدري متاثهين شخصيت جو مالڪ هو. هن چيو قومي غلامي جاگيرداري نظار کي ختم ڏٺي ٿي. سماجي اڳواڻ پنهل ساريو خطاب ڪندي چيو مثل حيدري هڪ مڪمل انسان هو، فطرتي جو عاشق هو. هو ظلم بربريت، ڏاڍ خلاف لڪندو هو. هن چيو ته هن خطي ۾ جاگيرداري نظام ته هو ۾ انگريزن اُن طبقي کي سهولتڪاري عيوض ڪيترين زمينون ڏنيون. انهن کي انگريزن جاگيردار بڻايو. هن چيو ته مثل حيدري مزاحمت جو ٿالو هو. هن چيو ته سنڌ اندر روزانو معصوم ٻارڙن سميت ڪيترائي ماڻهوءَ اغوا ٿين پيا، پر حڪومتي رٽ ڪٿي به نظر نه اچي، سنڌ ۾ ڪو به قانون ناهي، بک، بيروزگاري عروج تي آهي. سرمد ميراڻي، جسقم آريسر اڳواڻ محمد خان شروع خطاب ڪندي چيو ته مثل حيدري جي اندر علم هو، سائين مثل حيدري هڪ سپاهي هو هو قربدار شخصيت هئي. جسم "خالق جوڻيجو" جي مرڪزي اڳواڻ هاشم ڪوسو خطاب ڪندي چيو ته مثل حيدر بهترين استاد هو. مثل حيدري نظرياتي اڳواڻ هو. هن چيو ته هن خطي اندر جاگيرداري نظام رهيو آهي. اُتي سائين مثل حيدري جهڙا ڪردار پيدا ٿيا. جيڪو جاگيرداري نظام خلاف اُتي ڪو ٿيو. هن چيو سائين جي ايم سيد جي فڪر ۾ پورهيت، هاري طبقو هو. هو سنڌ سان پيار ڪندڙ هو. هو شاه سائين، سچل سائين، سامي سان پيار ڪندڙ هو. هن چيو ته هو وڏيرن جو سخت مخالف هو. جسقم آريسر جي مرڪزي پورهيت اڳواڻ ملوڪ ڪوسو خطاب ڪندي چيو ته هو ظلم خلاف آواز اٿاريندو هو. هن چيو ته هو بااصول هو ۽ اُڏان جو اٽل هو. جسقم آريسر اڳواڻ خادم چانڊيو خطاب ڪندي چيو ته سائين حيدري ذرگو شهنجو والد ته هو پر هو شهنجو سياسي استاد هو. هو اسان لاءِ چيرچانوهو. اُن موقعي تي بين خط ڊاڪٽر قاسم چانڊيو، جسقم بشير قريشي اڳواڻ آصف راهوجو، جسقم اڳواڻ امتياز ڪوسو، راجا جي ايم ڪوراڻي، مرس جتوئي، اياز لنجار، اِل اوباڻو ڏاهري ۽ بين خطاب ڪيس. جڏهن صوفي فنڪار الهداد خاصخيلي ۽ ساٿين فن جو مظاهرو ڪري [illegible]

بقايا سنڌيار 02

اسٽاف نه ڏنو ويو ماڻهو ماڻهو پرائيويٽ ڊاڪٽرن کان پنهنجي جانورن جي علاج ڪرائڻ تي مجبور آهن علائقي واسين خالد محمودجت مزمل گجر مير مري ۽ ٻين ڪافي گوٺاڻن صابق صدر MNAاصف فرداري عيدم MPAعزرا فضل پيچوهو وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاه ٻين وس وارن کان ٿا مطالبو ڪيون ته 5 چڪ جي وٽرنري اسپتال کي ڊاڪٽر ۽ دوائون مهيا ڪيو وڃن جئين اسين ماڻهو ماڻهو فيضو حاصل ڪري سگھون.

بقايا سنڌيار 03

ايريگيشن عملي پاران شاخن ۾ پاڻي ڇڏڻ بدران ڪري رشوت طلب ڪري ورتي، ان ڏس ۾ آبادگارن غلام حسين سولنگي، نثار احمد جڏ علي بخش، يوسي وڪڙو چيئرمين شڪيل احمد سولنگي ۽ ٻين ڏوڪري پريس ڪلب جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ايريگيشن عملي سونهري ريگيوليٽر سميت مختلف ريگيوليٽرن ۾ پاڻي ناهي ڇڏي رهيا جنهن سبب هزارين ايڪڙن تي ساريالو فصل جو پيجارو سڪي سڙي رهيو آهي. هن چيو ته گذريل برساتن سبب آبادگارن کي لکين روپين جو نقصان ٿيو هو هاڻي ايريگيشن کاتو پاڻي نه ڇڏي آبادگارن کي لکين روپين جو نقصان پهچائي رهيا آهن. هنن مطالبو ڪيو ته بنا دير سونهري ريگيوليٽر سميت مختلف ريگيوليٽرن ۾ پاڻي ڇوڙ ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي.

بقايا سنڌيار 04

لاءِ پريس ڪلب ڪوٽڙي ڪبير صدر، عبدالرزاق لاشاري، سيد جاني شاه، غلام حسين چانڊگ، بچل هنگورو، قاضي اياز عالم، ظفر گهانگهرو، محسن ملاح نذير سولنگي، پرويز احمد لاشاري ۽ ٻين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو وير احتجاج ڪندڙن چيو ته ٿل ۾ پوليس سوشل ورڪر صدام لاشاري کي سماجي برائين جي نشاندهي ڪرڻ تي مقابلو ڄاڻائي قتل ڪيو ويو جيڪو وڏو ظلم آهي انهي ظلم جي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهيون ۽ هنگورجا مان اغوا ٿيل ٽينگر کي اغوا ٿئي اڍائي مهينا گذري ويا آهن پوليس بازياب ڪرائي نه سگھي آهي هنن مطالبو ڪيو ته فوري طور تي صدام لاشاري جي ناحق خون جو انصاف ڪيو وڃي ۽ هنگورجا مان اغوا ٿيل معصوم ٽينگر جلد ٻيئر بازياب ڪرايو وڃي.

بقايا سنڌيار 05

ڪندڙن جي مان ۾ آجيانو پيش ڪيو سيمينار ۾ مهمان خاص ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور منور علي مٺياڻي ۽ اي ڊي سي امر شاڪر صاحب، ڊاڪٽر بهادر علي، شيخ سعود هارون صاحب، نزير انصاري محمد نعيم سعيد فيضان حسين فرحان حيدر ۽ مختلف اسڪولن ۽ ڪاليجن جي پرفيسر صاحبان نوجوانن کي خطاب ڪندي چيو ملڪ پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي نوجوان نسل جو تعلم مدان ۾ اڃ سان ممڪن آهي اڄ هن سيمينار ۾ نوجوانن جي گهڻي تعداد ۾ شرڪت کي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي آخر ۾ هونهار شاگردن ۽ نوجوانن کي سرٽيفڪيٽ ۽ شيلڊ انعام طور ڏنا ويا.

بقايا سنڌيار 06

